ABC Certified
Reg No 2677
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | جمع 29 سيپٽمبر 2023 ع بمطابق 12 ربيع الاول 1445ھ | شمارو: 341 | قيمت10 روپيا

بمبار جي اطلاع تي سڪرنڊ ۾ آپريشن، 4 ڳوٺاڻا مارجي ويا، 5 زخمي، ڊرڙو

ڳوٺ ماڙي جلباڻي ۾ آپگهاتي بمبار جي موجودگي واري اطلاع تي پوليس ۽ رينجرز ڪارروائي ڪئي ۽ گهر گهر تلاشي ورتي ته ڳوٺاڻن حملو ڪري ڏنو

فائرنگ ۾ اڪن جلباڻي، نياز جلباڻي سميت 4 ڄڻا مارجي ويا. جڏهن ته عورتن سميت 5 ڪان وڌيڪ زخمي ٿي پيا

پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن روپوش جوابدار جي گرفتاريءَ لاءِ ڪارروائي ڪئي، گهر گهر تلاشي دوران مزاحمت تي فائرنگ ڪئي وئي

فائرنگ ۾ زخمي ٿيلن ۾ الهه داد، امام الدين، سارنگ، علي نواز ۽ سجاول جلباڻي شامل. ڳوٺاڻن قومي شاهراهه تي لاش رکي ڌرڻو هنيو

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڏوهاري جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي ڪئي، ڳوٺاڻن پوليس ۽ رينجرز تي حملي ۾ 4 اهلڪار زخمي ٿي پيا : ايس ايس پي نوابشاهه

آپگهاتي بمبار جي موجودگيءَ جي اطلاع تي پوليس ۽ رينجرز ڳوٺ ماڙي جلباڻي ۾ ڪارروائي ڪئي هئي : نگران گهرو وزير حارث نواز

سڪرنڊ (رپورٽر+ م ڊ) سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ ماڙي جلباڻي ۾ آپگهاتي بمبار جي موجودگي واري اطلاع تي پوليس ۽ رينجرز ڪارروائي ڪئي ۽ گهر گهر تلاشي ورتي ته ڳوٺاڻن حملو ڪري ڏنو ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته فائرنگ ۾ اڪن جلباڻي، نياز جلباڻي سميت 4 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته عورتن سميت 5 ڪان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن روپوش جوابدار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير صوبائي ايپڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

غير قانوني ڪاروبار خلاف ڪارروائين سان ملڪ کي معاشي نقصانن مان ڇوٽڪارو ملندو: آرمي چيف

غير قانوني معاشي سرگرمين خلاف قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ لاڳاپيل کاتا گڏجي ڀرپور قوت سان ڪارروائيون جاري رکن : جنرل عاصم منير

غير قانوني معاشي سرگرمين خلاف ڪارروائي جي نتيجي ۾ پاڪستان کي مختلف طريقن سان ٿيندڙ معاشي نقصانن مان ڇوٽڪارو ملي سگهندو

چيف آف آرمي اسٽاف لاهور جو دورو ڪيو ۽ صوبائي ايپڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي به شريڪ هو

اجلاس دوران آرمي چيف کي صوبي جي مجموعي سيڪيورٽي صورتحال، بجلي، گئس چوري، ذخيري اندوزي ۽ پرڏيهي ڪرنسي جي سمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

اجلاس دوران شرڪت ڪندڙن کي اقليتن جي تحفظ لاءِ کنيل قدمن ۽ ڪچي جي علائقي ۾ جاري آپريشنز تي اڳڀرائي بابت به آگاهه ڪيو ويو

اجلاس ۾ فورم غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهين جي واپسي جو به جائزو ورتو، جڏهن ته فورم کي خاص سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل ۽ گرين پنجاب جي قدمن تي اڳڀرائي ڪان به آگاهه ڪيو ويو

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته غير قانوني ڪاروباري سرگرمين خلاف ارروائي سان پاڪستان کي معاشي نقصانن ڪان ڇوٽڪارو ملندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن لاهور ۾ صوبائي ايپڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت جي موقعي تي ڪيو. جنرل عاصم منير (نشان امتياز ملٽري) چيف آف آرمي اسٽاف لاهور جو دورو ڪيو ۽ صوبائي ايپڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

شهباز شريف جو اسٽيبلشمينٽ جو پيغام کڻي وڃڻ وارين ڳالهين ۾ ڪائي صداقت نه آهي: خواجه آصف

شهباز شريف بابت خبرون گردش ڪنديون رهيون ته هو به ڏينهن لاءِ آيو ۽ پيهر واپس هليو ويو

ڪجهه شين جي مشاورت ٽيليفون تي نٿي ڪري سگهجي ۽ ڪجهه ڳالهين تي ڪليل بحث ڪيو ويندو آهي

شهباز شريف، نواز شريف سان اليڪشن بابت مشاورت ڪئي، شهباز شريف جو اسٽيبلشمينٽ جو پيغام کڻي وڃڻ وارين ڳالهين ۾ صداقت ناهي

سيالڪوٽ (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته شهباز شريف جو اسٽيبلشمينٽ جو پيغام کڻي وڃڻ وارين ڳالهين ۾ ڪائي صداقت نه آهي. سيالڪوٽ ۾ ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان پرڏيهي وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

جعلي اڪائونٽس ۽ توشا خانا ڪيس، زرداري ۽ گيلاني احتساب عدالت طلب

اسلام آباد جي احتساب عدالت پاران ڪيس ۾ آصف علي زرداري ۽ يوسف رضا گيلاني کي طلبي جا نوٽيس جاري ڪيا ويا

عدالت اڳوڻي صدر آصف زرداري کي جعلي بئنڪ اڪائونٽس ڪيس ۾ 24 آڪٽوبر تي ذاتي حيثيت ۾ به طلب ڪري ورتو

عدالت طرفان توشا خانا ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني کي به 24 آڪٽوبر تي طلب ڪرڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪيا ويا

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي احتساب عدالت نيب ڪيسز ۾ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني کي طلب ڪري ورتو آهي. اسلام آباد جي احتساب عدالت پاران جعلي بئنڪ اڪائونٽس ۽ توشا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

امت جي مڙني مسئلن جو حل قرآن ۽ سنت کي نافذ ڪرڻ ۾ آهي: لياقت بلوچ

هر عاشق رسول لاءِ اهو لازم آهي ته هو پاڻ اسوه حسنه جي مڪمل پيروي ڪري ۽ ان جي پيغام کي دنيا ۾ عام ڪري

آخرت ۽ دنيا جي ڪاميابي حاصل ڪري. اسان جو ايمان آهي ته نبي صه آخري نبي آهي هاڻي جيڪو به نبوت جي دعويٰ ڪري اهو ڪوڙو، مڪار ۽ خائن آهي

الله جي بندگي، محمد صه جي اطاعت ۽ انسانن جي خدمت ئي دراصل قرآن ڪريم جي سموري دعوت جو نچوڙ آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي پاڪستان جي مرڪزي نائب امير ۽ اڳوڻي پارلياماني ليڊر لياقت بلوچ چيو آهي ته امت جي مڙني مسئلن جو حل قرآن ۽ سنت کي نافذ ڪرڻ ۾ آهي. پاڻ صه جن جي تعليمات ڪان دوري جي ڪري اڄ معاشرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: جماعت اسلامي جو اڳوڻو پارلياماني ليڊر لياقت بلوچ ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ ملڪيت جي ڪيس ۾ عدالتي وقت ضايع ڪرڻ تي وڪيل تي هڪ لک رپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ملڪيت جي ڪيس ۾ عدالتي وقت ضايع ڪرڻ تي وڪيل تي هڪ لک رپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بئنچ ملڪيت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. سپريم ڪورٽ عدالتي وقت ضايع ڪرڻ تي وڪيل/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

چوماسيءَ جو آخري اسپيل خطرناڪ آنڌاري سان گڏ شروع ٿيڻ جو امڪان

28 ڪان 30 سيپٽمبر دوران پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ برسات پوندي

چوماسي جو آخري اسپيل خطرناڪ آنڌاري سان گڏ شروع ٿيڻ جو امڪان آهي

لاهور (م ڊ) چوماسي جي آخري اسپيل تحت پنجاب ۾ تيز برساتن جي اڳڪٽي ڪئي وئي آهي. پي ڊي ايم اي چيو آهي ته 28 ڪان 30 سيپٽمبر دوران پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ برسات جو امڪان آهي. پي ڊي ايم اي مرحب چوماسي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13 جو آخري

چيف جسٽس ڪيس جا دليل نه ڏيڻ تي سينيئر جج تي ڪاوڙجي پيو

سپريم ڪورٽ ۾ ٽيڪس بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٿي

ڪيس ۾ ميرٽ تي دليل ڏيو، ٻڌايو توهان جي درخواست ٻڌڻي جوڳي آهي؟: چيف جسٽس

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ڪيس بابت دليل نه ڏيڻ تي سپريم ڪورٽ جي سينيئر وڪيل تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. سپريم ڪورٽ ۾ ٽيڪس بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٿي. چيف جسٽس دليل نه ڏيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي وڪيل فياض شيرازي کي چيو ته ڪيس ۾ ميرٽ تي دليل ڏيو. ٻڌايو توهان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عوام هوشيار، سنڌ ۾ موسم سخت گرم رهندي

ايندڙ 3 ڪان 4 ڏينهن دوران سنڌ جي ڏاکڻي علائقن ۾ موسم گرم رهڻ جو امڪان

ڪراچي، ٺٽي، بدين ۽ حيدرآباد ۾ پارو 38 ڪان 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي سگهي ٿو

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي سنڌ ۾ سخت گرمي جي اڳڪٽي ڪري ڇڏي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ايندڙ 3 ڪان 4 ڏينهن دوران سنڌ جي ڏاکڻي علائقن ۾ موسم گرم رهڻ جو امڪان آهي. ڪراچي، ٺٽي، بدين ۽ حيدرآباد ۾ پارو 38 ڪان 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي سگهي ٿو موسميات کاتي مرحب ڪراچي ۾ چنچر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

فيض آباد ڌرڻو ڪيس: آءِ بي ۽ پيمرا ڪانپوءِ وفاقي حڪومت جو به نظرثاني درخواست واپس وٺڻ جو فيصلو

فيض آباد ڪيس جي فيصلي تي عمل ڇو نه ٿيو؟ سڀ ايترا ڊنل ڇو آهن؟ : چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

وفاق فيض آباد ڪيس ۾ دفاع نٿو ڪرڻ چاهي، جنهن تي چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته هاڻي ڪيس ڇو واپس وٺڻ چاهيو ٿا؟ : اٽارني جنرل

پهريان چيو ويو ته فيصلي ۾ غلطيون آهن، هاڻي ڪيس واپس وٺي رهيا آهيو ان جا ڪارڻ ته ٻڌايو؟

آباد (م ڊ) چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ فيض آباد ڌرڻي ڪيس ۾ ڪيس جي فيصلي تي عملدرآمد ٿيڻ تي سوال اٿاريندي چيو ته فيض آباد ڪيس جي فيصلي تي عمل ڇو نه ٿيو؟ سڀ ايترا ڊنل ڇو آهن؟ سپريم ڪورٽ ۾ چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سيد زين شاهه جي سڪرنڊ ۾ ماڙي جلباڻي واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت

سڪرنڊ (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه پاران واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي. ب ب جي گڏيل حڪومت جي همدرد پوليس اڄ به موجود آهي. اليڪشن ڪان اڳ پيپلزپارٽي پوليس ذريعي انتقامي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن. ماڙي جلباڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملڪي ترقي لاءِ سيني کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: ڪامران ٽيسوري

موجوده معاشي ۽ سياسي صورتحال اسان سيني جي ڌيان جي ضرورت آهي : گورنر سنڌ

9 مئي جي واقعن جي تناظر ۾ اسان کي متحد قوم جي حيثيت سان اڳتي وڌڻو آهي

پوري قوم پنهنجي هٿياربند فوج ۽ قومي سلامتي ادارن سان گڏ بيٺي آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري چيو آهي ته ملڪ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ سيني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو تقريب کي خطاب ڪندي ڪامران ٽيسوري چيو ته موجوده معاشي ۽ سياسي صورتحال اسان سيني جي ڌيان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو چيئرمين ڊاڪٽر محمد امجد ثاقب تقريب دوران ڳالهائيندي

نگران وڏو وزير جو پوليس اسٽيشن جو دورو، رڪارڊ چيڪ

نگران وڏي وزير مقبول باقر پاران ڪراچي جي سر سيد پوليس اسٽيشن جو اوچتو دورو ڪيو

ٿاڻي ۾ ڪيس پراپرٽي طور رکيل موٽرسائيڪلز ۽ رجسٽر به چيڪ ڪيا

وڏي وزير ايس ايس پي کي ٻين ٿاڻن جي انسپيڪشن ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر پاران ڪراچي جي سر سيد پوليس اسٽيشن جو اوچتو دورو ڪري ٿاڻي ۾ ڪيس پراپرٽي طور رکيل موٽرسائيڪلز ۽ رجسٽر به چيڪ ڪيا. وڏي وزير ايس ايس پي کي ٻين ٿاڻن جي انسپيڪشن ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪيون. نگران وڏي وزير لاڪ اپ ۾ قيد چوري ڪيس جي جوابدار ڪان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: سنڌ جو نگران وڏو وزير مقبول باقر ٿاڻي دوري دوران رڪارڊ چيڪ ڪري رهيو آهي

ٽاٽي واري وزارت ايندڙ مهينن ۾ به مهانگائي بلند ترين سطح تي برقرار رهڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

ماهوار اڪنامڪ اپ ڊيٽ آئوٽ لڪ رپورٽ ۾ ايندڙ مهينن ۾ به مهانگائي بلند ترين سطح تي برقرار رهڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي : ناڻي وزارت

ٽرانسپورٽ جي ڀاڙي، ضروري شين ۽ سروسز سيڪٽر ۾ سهولتون مهانگيون ٿيڻ جو خدشو آهي

غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ڊيلرز ۽ ذخيري اندوزن خلاف سخت ايڪشن ورتو ويو آهي

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وزارت ايندڙ مهينن ۾ به مهانگائي بلند ترين سطح تي برقرار رهڻ جي اڳڪٽي ڪري ڇڏي. ناڻي واري وزارت طرفان جاري ڪيل ماهوار اڪنامڪ اپ ڊيٽ آئوٽ لڪ رپورٽ ۾ ايندڙ مهينن ۾ به مهانگائي بلند ترين سطح تي برقرار رهڻ جي اڳڪٽي ڪئي وئي آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته سيپٽمبر 2023 ۾ مهانگائي 29 ڪان 31 سيڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: جهازن تي ليزر لائيٽ هڻڻ جا واقعا، اختيارين وڏو فيصلو ڪري ورتو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ جهازن کي ليزر لائيٽ سانبٽائيندڙن خلاف سخت ايڪشن وٺڻ جو فيصلو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ جي 30 ضلعن ۾ 2 آڪٽوبر ڪان پوليو خلاف 7 ڏينهن واري مهم شروع ٿيندي

مهم دوران 5 سالن ڪان گهٽ عمر جي هڪ ڪروڙ ڪان وڌيڪ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارايا ويندا: چيف سيڪريٽري سنڌ

گذريل 3 سالن ڪان سنڌ ۾ پوليو جو ڪو به ڪيس سامهون ناهي آيو جيڪا هڪ وڏي ڪاميابي آهي

پوليو مهم لاءِ عملي جي تربيت جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي : ارشاد علي سوڍر

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد فخر عالم جي صدارت هيٺ صوبائي ٽاسڪ فورس جو اهم اجلاس پوليو جي روڪٿام بابت چيف سيڪريٽري جي آفيس ۾ ٿيو جنهن ۾ 2 آڪٽوبر ڪان شروع ٿيندڙ ست ڏينهن واري پوليو مهم جي تياري، ان تي عملدرآمد ۽ ورڪرن جي سيڪيورٽي بابت ڪيترائي فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ سيڪريٽري گهرو محمد اقبال ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سپريم ڪورٽ سرڪاري آفيسرن لاءِ صاحب جو لفظ استعمال ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نگران وڏو وزير جو پوليس اسٽيشن جو دورو، رڪارڊ چيڪ

نگران وڏي وزير مقبول باقر پاران ڪراچي جي سر سيد پوليس اسٽيشن جو اوچتو دورو ڪيو

ٿاڻي ۾ ڪيس پراپرٽي طور رکيل موٽرسائيڪلز ۽ رجسٽر به چيڪ ڪيا

وڏي وزير ايس ايس پي کي ٻين ٿاڻن جي انسپيڪشن ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ضايع ٿيل خوراڪ کي پيداواري مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪندا. سنڌ فوڊ اٿارٽي باقاعده معائني دوران ڪاڌي پيتي جي شين کي رد ڪري ڇڏيندي آهي جيڪي انساني استعمال لاءِ هاڃيڪار هوندو آهي ضرورت محسوس ڪئي وئي ته ان ضايع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير خليل گورگيج تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پراسيڪيوشن نوٽمڻي تي جناح هائوس حملي سميت ٻين ڪيسن جا چالان دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا

لاهور (م ڊ) نوٽمڻي تي جناح هائوس حملي ۽ ٻين ڪيسن ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي. پراسيڪيوشن نوٽمڻي تي جناح هائوس حملي سميت ٻين ڪيسن جا چالان دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. پراسيڪيوشن طرفان نوٽمڻي سانحي جي ڪيسن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ اسيمبلي جون گاڏيون ۽ پيٽرول غيرقانوني استعمال ٿيڻ جو انڪشاف

آغا سراج وٽ به 22 گاڏيون آهن سنڌ اسيمبلي جون 80 گاڏيون پيٽرول سوڌو غيرقانوني طور استعمال ٿي رهيون آهن

ايندڙ اليڪشن ۾ اهي گاڏيون استعمال ٿي سگهن ٿيون، اڳوڻو اسپيڪر آغا سراج دراني سنڌ اسيمبلي جون 22 گاڏيون استعمال ڪري رهيو آهي

سنڌ اسيمبلي جي ملازم آفتاب مهر چيف اليڪشن ڪمشنر، گورنر، نيب چيئرمين ۽ نگران وڏي وزير ڏانهن ليگل نوٽيس موڪلي ڇڏيو

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جون 80 گاڏيون پيٽرول سوڌو غيرقانوني طور استعمال ٿيڻ جو انڪشاف، آغا سراج وٽ به 22 گاڏيون آهن سنڌ اسيمبلي جون 80 گاڏيون پيٽرول سوڌو غيرقانوني طور استعمال ٿي رهيون آهن. ايندڙ اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27



INF-KRY.No:4093

پوليو کان بچاءُ جا ٻه ڦڙا ٻارڙن کي هميشه جي معذوري کان بچائي سگهن ٿا : ڊي سي بدين

اسان سڀني کي ملي ڪري ڪوشش ڪرڻي آهي ته جيئن پوليو جهڙي مرض جو خاتمو ڪري نسلن کي معذوري کان بچائي سگهجي

سمورا عملدار آفيس ڊيڪورم جو خيال رکن ۽ صفائي سترائي تي ڌيان ڏين، والدين پوليو جي هر مهم دوران اينڊ پوليو ٽيم سان سهڪار ڪن

اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي، ڊاڪٽر شهزاد ملاح، ڊاڪٽر ثناءالله، ڊاڪٽر ممتاز علي چانڊيو ۽ ٻيا آفيسر پڻ گڏ هئا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو سول اسپتال بدين ۾ ٻارڙي کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيئاري پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين چيو ته پوليو کان بچاءُ جا ٻه ڦڙا ٻارڙن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين : ڊپٽي ڪمشنر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيئاري مهم جو آغاز ڪري رهيو آهي

جان محمد سوسائٽي ۾ جشن ميلاد مصطفيٰ ص جي حوالي سان صفائي جو عمل جاري

جان محمد سوسائٽي(غلام رسول مهر) يوسي پيٽارو چيئرمين ناظم خان مهر ۽ وائيس چيئرمين سردار بخش خان مهر جي هدايتن تي ڪلارڪ مظفر حسين قاضي جي نگراني ۾ جشن ميلاد مصطفيٰ ص جي حوالي سان شاهپور مهر حمزو مهر ۾ صفائي جو عمل جاري ۽ جتان جتان جشن ميلاد مصطفيٰ ص جي حوالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪتاب انسان جا مخلص دوست رهندا آهن : مير غلام علي خان ٽالپر

ترقي يافتا قومن جي ترقي جو راز تعليم لاءِ خاص توجهه ۽ تعليمي شعور جي بيداري ۾ آهي

تعليم جي حاصلات واري شعور جي جذبي کي عوام جي دماغ ۾ فيڊ ڪرائڻ وقت جي ضرورت آهي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) اڳواڻ پ پ ايم اين اي مير غلام علي خان ٽالپر جي ذاتي ڪوشش سان ٽنڊو غلام علي ۽ ڀرپاسي جي غريب ۽ ذهين شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٽائون ڪاميٽي ٽنڊو غلام علي جي فنڊ مان ڪين اعلي تعليم ڏيارڻ جي لاءِ مالي سهائتا لاءِ ميرٽ شروع ڪرايل اسڪالر شپ پروگرام جي سلسلي ۾ ورتل ٽيسٽ بعد ميرٽ تي پاس ٿيندڙ 35 شاگردن ۽ شاگردياڻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز ۾ هيلٿ پروفيشنل پيرامڊيڪس ايسوسيئيشن سنڌ جو گڏيل اجلاس

صوبائي چيف آرگنائيزر حزب الله راڄپر صوبائي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر اعجاز ممنائي فنانس سيڪريٽري محمد يونس وسڻ خصوصي شرڪت ڪئي

سرپرست اعليٰ محمد آچر ابڙو، چيئرمين محمد سلطان جوڻيجو، وائيس چيئرمين محمد اختر چوهاڻ ۽ ٻين کي پڻ چونڊيو ويو

آرگنائيزر معشوق علي ڀٽي ڊپٽي چيف آرگنائيزر شوڪت علي ٻرڙو آرگنائيزر سهراب علي مگريو آرگنائيزر چونڊيا ويا

نوشهروفيروز(د ر) نوشهروفيروز ۾ هيلٿ پروفيشنل پيرامڊيڪس ايسوسيئيشن سنڌ جو گڏيل اجلاس سول اسپتال نوشهروفيروز جي ميٽنگ هال ۾ ٿي گذريو جنهن جي صدارت صوبائي صدر خادم حسين مستوئي ڪئي جڏهن ته صوبائي چيف آرگنائيزر حزب الله راڄپر صوبائي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر اعجاز ممنائي فنانس سيڪريٽري محمد يونس وسڻ خصوصي شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز : گڏجاڻي دوران اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

سکر ۾ مسافر ڪوچ ڊرائيور جي تيز رفتاري سبب ٻڙن سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪرائجي وئي، 12 مسافر زخمي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ويجهو سکر شڪارپور روڊ تي سانگهڙ کان ڪوئيٽا ويندڙ مسافر ڪوچ ڊرائيور جي تيز رفتاري سبب ٻڙن سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 12 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا، جڏهن ته ايڌي رضاڪار، ڪين ايمبولينس ذريعي سکر سول اسپتال سکر آندو ويو، جتي ڪيترن ئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

وارهه ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ص جي آمد بابت ريلي

حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي آمد جي خوشي ۾ جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جي نسبت سان ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ پير علي اڪبر قريشي، مولانا همت علي چانڊيو، حافظ محبوب جوڻيجو، حافظ محمد رفيق چانڊيو ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جي آمد شريف جي حوالي سان نعت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم نعت خوانن پڙهيون ويون

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي آمد جي خوشي ۾ جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جي نسبت سان ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي ايس 17 جي امير حافظ محبوب جوڻيجو، پير علي اڪبر قريشي، مولانا همت علي چانڊيو، حافظ محبوب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪوهستاني پٽي ۾ مقامي ماڻهن جي زمينن تي غيرقانوني قبضا ڪري اڏاوتون ڪرڻ وارو عمل جاري

بااثرن غيرقانوني قبضا ڪري اڏاوتون ڪرڻ سميت زمينن کي وڏا بند ٻڌي مشينن ذريعي لڳرائي مقامي رهواسين جا رستا ۽ لنگهه بند ڪري ڇڏيا

سرڪاري زمينن تي ڪنهن کي قبضو ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، هن عمل ۾ جيڪي ملوث هوندا انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪندا سين : مختيارڪار

سهولتڪارن خلاف ڪاروائي ڪري درگاهن کي قبضن کان اجو قرار ڏئي انهن جي تقدس کي بحال رکي زائرين ۾ ڦهليل بيچيني دور ڪئي وڃي

ٺٽو(د ر) جنگشاهي پرسان ڪوهستاني پٽي ۾ بااثر لينڊ مافيا توڙي ڪمپني انتظاميه پاران طاقت جي زور تي مقامي ماڻهن جي زمينن تي غيرقانوني قبضا ڪري اڏاوتون ڪرڻ سميت زمينن کي وڏا بند ڏئي مشينن ذريعي لڳرائي مقامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽو : ڪوهستاني پٽي جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو باگو ۾ مريض کي اسپتال کڻي ايندڙ پوليس اهلڪار جي موٽر سائيڪل اسپتال اڳيان بيٺل نامعلوم چور چوري ڪري ويا

ٽنڊوباگو(رپورٽر) مريض کي اسپتال کڻي ايندڙ پوليس اهلڪار جي موٽر سائيڪل اسپتال اڳيان بيٺل نامعلوم چور چوري ڪري ويا، ڳوٺ شريف چانڊيو جو رهواسي پوليس اهلڪار علي احمد چانڊيو ڳوٺ جي هڪ بيمار مريض کي ٽنڊوباگو ۾ علاج لاءِ اسپتال کڻي آيو ته اسپتال اڳيان بيٺل پوليس اهلڪار جي موٽر سائيڪل کي نامعلوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏوڪري جي سينيئر صحافي محمد رمضان جوڻيجو جو چاليهو

وڏي انگ ۾ سياسي سماجي صحافتي ڌرين جي ماڻهن جي شرڪت، ڀرپور نمونې ڀيٽا پيش

محمد رمضان جوڻيجو ڏوڪري جو بيمثال ۽ متحرڪ ڪردار هو، سونهري اکرن ۾ ياد رکيو ويندو : اڳواڻ

محمد رمضان جوڻيجو پنهنجي سموري زندگي اصولن تحت گذاري هو مظلومن جو ساٿاري ۽ هڪ اڏول انسان هو

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري جي سينيئر صحافي محمد رمضان جوڻيجو جو چاليهو، وڏي انگ ۾ سياسي سماجي صحافتي ڌرين جي ماڻهن جي شرڪت، ڀرپور نمونې ڀيٽا پيش، محمد رمضان جوڻيجو ڏوڪري جو بيمثال ۽ متحرڪ ڪردار هو سنڌ صحافتي ۽ سماجي خدمتن کي هميشه سونهري اکرن ۾ ياد رکيو ويندو، عبدالحميد جيسر، اسد ٻگهيو، قاضي آفتاب احمد، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان ۾ ٽن وارڊن جي ڪائونسلرن پاران ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪرڻ جون دانهون

ڪائونسلرن پاران نظرانداز ڪرڻ خلاف سومر 2 آڪٽوبر تي ميونسپل ڪميٽي جي گيٽ آڏو بک هڙتال ڪرڻ جو اعلان

ميونسپل ڪميٽي جو چيئرمين سيد شاهنواز شاهه اسان کي مسلسل نظرانداز ڪري رهيو آهي : رضا محمد خاصخيلي ۽ ٻيا

سومر 2 آڪٽوبر تي ميونسپل ڪميٽي جي مين گيٽ آڏو علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي تحريڪ شروع ڪندا سين

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر د ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ميونسپل ڪميٽي جي چونڊيل پيپلز پارٽي جي ٽن وارڊن جي ڪائونسلرن پاران چيئرمين مٿان ڪين ترقياتي ڪمن سميت ٻين مسئلن ۾ ڪين نظر انداز ڪرڻ خلاف سومر 2 آڪٽوبر تي ميونسپل ڪميٽي جي گيٽ آڏو بک هڙتال ڪرڻ جو اعلان، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ميونسپل ڪميٽي جي چونڊجي آيل پيپلز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان : متاثر ڪائونسلر ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

نواب شاهه جي پي ايم سي اسپتال ۾ داخل پيرسن عورت جون سونيون والبيون چوري

نواب شاهه(رپورٽر) نواب شاهه جي پي ايم سي اسپتال هڏن واري وارڊ ۾ داخل 70 ورهين جي پيرسن عورت مريض گنج بي بي عرف گنجلي بيواهه محمد خان بروهي کان رات جي وقت نامعلوم چور ٽيسٽ ڪرڻ جي بهاني سونيون والبيون لاهي آساني سان فرار ٿي ويا، ان سلسلي ۾ عورت مريض جي پٽ تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نئون ڪوٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ جشن ميلادالنبي ص جون تقريبون

تقريب دوران هر طرف مرحبا مرحبا يا رسول الله جون صدائون بلند ٿي ويون

حضور ص جي ٻڌايل رستي ۽ سنتن تي هلڻ ئي دنيا جهان جي ڪاميابي آهي : عالم

ماءُ پيءُ کي محبت جي نظر سان ڏسڻ ئي سڀ کان وڏي نيڪي آهي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) ملڪ جي ٻين شهرن جيان نئون ڪوٽ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ جشن ميلادالنبي ص جون تقريبون منعقد ڪيون ويون وڃن ان حوالي سان نئون ڪوٽ جي ويجهو ڳوٺ محمد خان بليدي ۾ به محفل ميلادالنبي ص جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ عاشقان رسول ص وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي مهمان خاص پير ايوب جان سرهندي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪنڊيارو: جشن عيد ميلاد النبي صلى الله عليه وسلم جي خوشي ۾ تقريب، ريلي

سوين عاشقاني رسول صلى الله عليه وسلم جي شرڪت، هرپاسي مرحبا يا مصطفا جا نعرا گونجندا رهيا

جتي ٻه مسلمان رهن ٿا اهي جشن عيد ميلاد النبي صلى الله عليه وسلم وڏي خوشي سان ملهائين پيا : عالم

ڪنڊيارو(رپورٽر) ڪنڊيارو: جشن عيد ميلاد النبي جي خوشي ۾ ڳوٺ علي نواز ڏيپر مان درگاهه لوڙهو شريف جي صاحبزادي فقير علي مرتضيٰ لوڙهائي پير آصف علي شاهه ۽ سورج ڏيپر اسلم ڏيپر مير حسن ڏيپر عبدالشڪور ڏيپر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر ۾ گندي پاڻي جي نيڪال جو نظام درست ٿيڻ بدران ناڪارا بڻجي ويو

رهائشي توڙي ڪاروباري علائقن ۾ گٽرن جو پاڻي روڊن تي ڪاهي پئجي ويو

شهر ۾ روڊن تان گڏ تيل گندي پاڻي جي نيڪال جو نظام تباهه ٿي ويو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر انتظاميه سکر ميونسپل ڪارپوريشن، پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن سميت سکر جي نون چونڊيل نمائندن جي ناقص ڪارڪردگي سبب سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ گندي پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر : انتظاميه جي نااهلي سبب بيٺل گندي پاڻي مان شهري گذري رهيا آهن

سڄاول ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا پئسا ڏيندڙ کان ڦر

هٿيارٻندن پنج لک روپيه ۽ ڊوائز ڦرڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا

فائرنگ سبب شهرين ۾ خوف ۽ هراس وارو ماحول پيدا ٿي ويو

سڄاول(رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سڄاول ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا پئسا ڏيندڙ کان ڦر، هٿيارٻندن پنج لک روپيه ۽ ڊوائز ڦرڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان پرسان هڪ روزا ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

ماهر ڊاڪٽرن پاران مريضن جون مفت ٽيسٽون ڪري ڪيس دوائون فراهم ڪيو

پاڪ آرمي هميشه عوام سان گڏ رهي آهي : نيڪ مرد مير امجد ٽالپر

ٽنڊو محمدخان(ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان جي ڳوٺ پائي خان ٽالپر ۾ پاڪ آرمي پاران هڪ روزا ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ اسپيشلسٽ سرجيڪل اسپيشلسٽ گائناڪولاجسٽ ۽ ٻين بيمارين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

اسان کي پنهنجي روزمره زندگين ۾ عملي طور اسلام نافذ ڪرڻو پوندو : محمد جان نعيمي

اسلام خلاف سازشن کان امت مسلمه خبردار رهي اسان کي متحد ٿي سمورن فتنن جو مقابلو ڪرڻو پوندو

مسلمانن جي ايمان جو محور حضرت محمد مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم آهي جنهن بنا ايمان نامڪمل آهي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) اسلام خلاف سازشن کان امت مسلمه خبردار رهي اسان کي متحد ٿي سمورن فتنن جو مقابلو ڪرڻو پوندو، مسلمانن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين : عالم سڳورو جشن عيد ميلادالنبي ص جي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

قسط وصول ڪندڙ عورتن کي ڏکيائون پيش اچن پيون : ذوالفقار علي ابڙو

بسپ پروگرام تحت آيل قسط جي رقم 9 هزار روپيا مستحق عورتن کي ڏياري پئي وڃي

بسپ ايس اوپيز تي عمل نه ڪندڙ 17 کان وڌيڪ ڊيوائيز عارضي بند ڪرايا آهن

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ريجنل ڊائريڪٽر سکر ذوالفقار علي ابڙو چيو آهي ته چيئرمين بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ جي هدايتن تي عمل ڪندي بسپ پروگرام تحت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

جان محمد سوسائٽي ۾ سيرت النبي صلي الله عليه وسلم جي عنوان سان تقريب

استاد رحمت الله سنڌي، حافظ عبدالقادر مهر، احمد علي مهر ۽ بشير رضا مهر شرڪت ڪئي

شاگردن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ نعتون ۽ تقريرون پڻ پيش ڪيون

جان محمد سوسائٽي(غلام رسول مهر) گورنمينٽ هاءِ اسڪول وڏڻ مهر ۾ سيرت النبي صلي الله عليه وسلم جي عنوان سان تقريب منعقد، خاص مهمان طور امان الله مهر استاد رحمت الله سنڌي حافظ عبدالقادر مهر احمد علي مهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو باگو ۾ حضرت عمر فاروق رضه جو پتلو ساڙڻ واري عمل خلاف احتجاج

سوين ماڻهن احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو

حيدرآباد ۾ گستاخ صحابه کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي : مولانا ساجد فاروقي

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڊوباگو ۾ سني رابطه ڪائونسل پاران حيدرآباد ۾ حضرت عمر فاروق رضه جو پتلو ساڙڻ واري عمل خلاف سوين ماڻهن احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهري کي خطاب ڪندي مولانا ساجد فاروقي، مقبول ميمڻ ساجد سمون ۽ ٻين چيو ته حيدرآباد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بجلي چور اسان جو دشمن آهي : شاهد حسين شاهه

بجلي چوري جو خاتمو اسان جي اولين ترجيح آهي

بجلي جا بل ادا نه ڪرڻ تي ڪارروائي ڪئي ويندي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ايگزيڪٽو انجنيئر سيپڪو سيد شاهد حسين شاهه سب ڊويزن چار جي مختلف علائقن جو دورو ڪري بجلي چورن ۽ بل ادا نه ڪندڙن خلاف جاري آپريشن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي هن لائين اسٽاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽنڊو باگو ۾ سيرت النبي ص ڪانفرنس منعقد

خانصاحب جمالي، ثناءالله صدر ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو

معزز شهرين ۽ شاگردن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڊو باگو ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر ايجوڪيشنل فورم پاران محمد صديق مسافر اسڪول ۾ سيرت النبي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، ڪانفرنس کي خانصاحب جمالي، ثناءالله صدر ميمڻ اسسٽنٽ ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو جي مشهور راڳي وفا گلشير لغاري سان رهاڻ رچائي وئي

شهر سميت ڳوٺ پيپري جي نيڪ مرد ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مشهور شاعرن جي مهرباني آهي جن پنهنجا گيت ڏنا : راڳي گلشير لغاري

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي مشهور راڳي وفا گلشير لغاري سان ڳوٺ پيپري ڳوٺاڻن پاران رهاڻ ڪئي وئي جنهن ۾ دادو شهر سميت ڳوٺ پيپري جي نيڪ مرد ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي رهاڻ پروگرام ۾ وفا گلشير لغاري پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو : راڳي گلشير لغاري جي مان ۾ ٿيل تقريب دوران ورتل فوٽو

شڪارپور ۾ اين آءِ ڊي ريڊينيس پوليو گڏجاڻي منعقد

02 آڪٽوبر کان 08 آڪٽوبر تائين پوليو مهم ٿي رهي آهي : ڊاڪٽر امتياز حسين ميتلو

ڇئني تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن، ڊي ايڇ او، پوليس، تعليم ۽ صحت کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي

اينڊ پوليو مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ مائڪرو پلان تي عمل ڪيو وڃي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اين آءِ ڊي ريڊينيس پوليو گڏجاڻي، 02 آڪٽوبر کان 08 آڪٽوبر تائين پوليو مهم ٿي رهي آهي، ڊاڪٽر امتياز حسين ميتلو زيرو دوز 99 فيصد مڪمل ٿي چڪو آهي، بريفنگ تفصيل موجب 02 آڪٽوبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شڪارپور : ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان : قومي راڳي ڀيڄل سنڌي جي بائيوپسي جي رپورٽ ۾ گلي جي ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ بعد حالت ڳڻتي جوڳي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ مظفر علي بروهي) سنڌ جي موسيقي جي دنيا ۾ قومي راڳي ڀيڄل سنڌي جي بائيوپسي جي رپورٽ ۾ گلي جي ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ جي ڪري وري ڀيهر سندس حالت ڳڻتي جوڳي . اسپتال داخل . خبر موجب سنڌ جي موسيقي جي دنيا ۾ قومي راڳي ڀيڄل سنڌي جي گلي واري ڪينسر ۾ گذريل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڏڙو پرسان قديم قبرستان قريشي بادشاهه تي هڪ دفعو ٻيهر مبينا قبضي خلاف نوٽيس جاري

قديم قريشي بادشاهه قبرستان تان فوري طور تي قبضو هٽائي چوديواري ڏياري وڃي : درخواستگذار

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل امر جماڻي ميمڻ طرفان ڊپٽي ڪمشنر سڄاول کي ليگل نوٽيس موڪليو ويو هو

ڏڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو پرسان قديم قبرستان قريشي بادشاهه تي هڪ دفعو ٻيهر مبينا قبضي خلاف سڄاول جي ڊپٽي ڪمشنر کي ليگل نوٽيس جاري، خبر موجب ڏڙو لڳ ڳوٺ عبد ڪانڊڙو جي رهاڪو غلام اويس ڪانڊڙو جي فرياد تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ٽالپوري وڪيل امر جماڻي پاران ڊپٽي ڪمشنر سڄاول کي ليگل نوٽيس جاري، قانوني نوٽيس ۾ سڄاول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو ۾ حدخلين ڪندڙن تي قسمت جي ديوي مهربان، ڪامورا بيوس بڻيل

ميڊيا تي وائرل، سخت تنقيد:_ دادو شهر جي ڪاروباري ۽ مک روڊن تي حدخلين ڪندڙن تي قسمت جي ديوي مهربان بڻيل

سنڌ حڪومت تحت حدخلين هٽائڻ لاءِ نڪتل اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار فوٽو سيشن ڪرائڻ بعد شاپنگ ۾ لڳي ويا

معاملي جو نوٽيس وٺي حدخلين ڪندڙ بااثرن خلاف ڪاروائي ڪري حدخلين جو آزار ختم ڪرايو وڃي : سڄاڻ ڌريون

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ حدخلين ڪندڙن تي قسمت جي ديوي مهربان، ڪامورا بيوس بڻيل. سنڌ حڪومت تحت حدخلين هٽائڻ لاءِ نڪتل اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار فوٽو سيشن ڪرائڻ بعد شاپنگ ۾ لڳي ويا، وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل، سخت تنقيد، دادو شهر جي ڪاروباري ۽ مک روڊن تي حدخلين ڪندڙن تي قسمت جي ديوي مهربان بڻيل آهي. جڏهن ته ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو : انتظاميه جي نااهلي سبب ٿيل حدخلين جو ڏيک

ٺٽي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون محمد علي خواجه چارج سنڀالي باقاعده پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏيو

ٺٽو(رپورٽر) ٺٽي ضلعي ۾ ٿيندڙ مقرر ٿيل ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون محمد علي خواجه پنهنجي عهدي جي چارج سنڀالي باقاعده پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. هن ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي عملدارن ۽ ملازمن سان ملاقات ڪندي چيو ته عوام جي مسئلن جي فوري حل لاءِ هر ممڪن ڪوششون ورتيون وينديون . /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو : يوسي جهمپير جا ڪيترائي ڳوٺ يوسي جنگشاهي ۾ شامل ڪرڻ وارو عمل رهواسين رد ڪري ڇڏيو

ڪوهستان واسين رد ڪري جدوجهد ڪرڻ سميت اليڪشن ڪميشن وٽ اعتراض داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو

متاثر ڪوهستان واسين جي هڪ اهم گڏجاڻي ڳوٺ حاجي عثمان جاڪرو سپرهاءِ وي 35 ميل تي ٿي گذري

زمينن تي ٿيل غيرقانوني قبضا توڙي والارون ختم ڪري سهولتون مهيا ڪري پريشاني کان بچايو وڃي : رهواسي

ٺٽو(ٻر) تازو ٿيل نئين تڪبندين ۾ تعلقي ٺٽي جي ڪوهستاني يوسي جهمپير جا ڪيترائي ڳوٺ يوسي جنگشاهي ۾ شامل ڪرڻ واري عمل کي ڪوهستان واسين رد ڪري جدوجهد ڪرڻ سميت اليڪشن ڪميشن وٽ اعتراض داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي، ان سلسلي ۾ متاثر ڪوهستان واسين جي هڪ اهم گڏجاڻي ڳوٺ حاجي عثمان جاڪرو سپرهاءِ وي 35 ميل تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهرو فيروز ۾ گندي پاڻي آزار خلاف شهرين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو

ڪرپٽ آفيسرن کي هٽائڻ ۽ شهر مان گٽرن جي گندي پاڻي جو نيڪال ڪرڻ لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي

11 سال پي پي حڪومت ڳڻتيءَ ڪئي پر شهر کي ڊرينيج سسٽم صحي نه ڏئي سگهيا آهن : مظاهرين جون دانهون

اهي حصيدار هجڻ ڪري ان ڪرپٽ ڪاموري کي هٽرائي نه سگهيا آهن جنهن ڪري اسان سخت احتجاج تي مجبور ٿيا آهيون

نوشهرو فيروز(د ر) نوشهرو فيروز شهر ۾ گندي پاڻي آزار خلاف شهرين پريس ڪلب نوشهرو فيروز تائين ريلي ڪڍي ڊي سي آفيس جي مٿان گيٽ آڏو مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جنهن ۾ ڪرپٽ آفيسرن کي هٽائڻ ۽ شهر مان گٽرن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽي ۾ وڪيل ماجد احمد مهر پاران مڪلي پريس ڪلب پهچي نئين چونڊيل باڊي کي مبارڪباد

ٺٽو(رپورٽر) انساني حقوق کاتي جو انچارج شڪايت سيل الطاف حسين ٿيٻو ۽ پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي سنڌ جو ميمبر نوجوان وڪيل ماجد احمد مهر مڪلي پريس ڪلب پهچي نئين چونڊيل باڊي کي مبارڪباد ڏني سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا مڪلي پريس ڪلب طرفان شڪريو ادا ڪيو ويو خبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز : شهر ۾ وڌندڙ گندگي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي هلندڙ قسط ۾ غيرقانوني ڪٽوتين جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

ڊائريڪٽر بي آءِ ايس پي جعفر پنهور پاران شهر جي مختلف ڊوائس هولڊرن جي دڪانن تي ڇاپا

ڊوائس هولڊرن خلاف 20 درخواستون مليون آهن، 7 درخواستن تي بروقت ڪارروائي ڪئي آهي : جعفر پنهور

ڊوائس هولڊرن خلاف ڪاروائي جي موقعي تي پنهنجون درخواستون واپس نه وٺن ته جيئن انهن خلاف ڪارروائي مڪمل ٿي سگهي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي هلندڙ قسط ۾ غيرقانوني ڪٽوتين جو نوٽيس وٺندي ڊائريڪٽر بي آءِ ايس پي بدين جعفر پنهور پاران شهر جي مختلف ڊوائس هولڊرن جي دڪانن تي ڇاپا 8 ڊوائس هولڊرن خلاف ايڪشن وٺندي ڊوائسون بلاڪ ڪري ڇڏيون آهن ان موقعي تي ڊائريڪٽر بي آءِ ايس پي چيو ته ڪرپٽ ڊوائس هولڊر سرڪار پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪنڊيارو پرسان ترقياتي ڪمن ۽ بنيادي سهولتون نه هجڻ خلاف ڳوٺاڻن خلاف مظاهرو

منوخان رند ۾ گذريل 30 سالن کان ترقياتي ڪمن ۽ بنيادي سهولتون نه هجڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڊسپينسري روڊ، گهٽين ۽ ڊرينيج سميت ڪابه سهولت نه هجڻ ڪري اسان ڳوٺاڻا ٻٽي عذاب ۾ آهيون : مظاهرين

اسان جي ڳوٺ ۾ گهربل سهولتون ڏنيون وڃن نه ته ٻئي صورت ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو

ڪنڊيارو(رپورٽر) ڳوٺ منوخان رند ۾ گذريل 30 سالن کان ترقياتي ڪمن ۽ بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري ڳوٺاڻن جو اختيار حسين رند بشارت رند عبدالشڪور رند وقار حسين رند عبدالرشيد رند روشن علي رند اعجاز رند شاهنواز رند درياخان رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن جو چوڻ هيو ته گذريل 30 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪنڊيارو : ڳوٺاڻا بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرو خان ۾ حضرت عمر فاروق رضه جي شان ۾ گستاخي ڪندڙن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

ميروخان(رپورٽر) ميروخان حضرت عمر فاروق رضه جي شان ۾ گستاخي ڪندڙن جي گرفتاري لاءِ سني ايڪشن ڪاميٽي جا ڪارڪن سراپا احتجاج بڻجي رستن تي نڪري آيا ، حيدرآباد ۾ حضرت عمر فاروق رضه جي شان ۾ ڪيل گستاخي خلاف سني ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي مدرسه انوار صحابه حيدريه کان صديق اڪبر چوڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

غلام محمد جي ڳوٺ حاجي محرم خاصخيلي جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

عورتن ۽ مردن اميرزادي، ارباب زادي، مريم سميت عبدالواحد ۽ شير محمد خاصخيلي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

قبضو ڪرڻ لاءِ ڳوٺ خالي ڪرائڻ لاءِ معصوم ٻارڙن ۽ عورتن کي هر روز تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي : مظاهرين

مردن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ لاءِ پوليس سان ملي حيران ڪيو پيو وڃي، مجبور بڻجي ميڊيا آڏو پهتا آهيون

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ حاجي محرم خاصخيلي جي رهواسين عورتن ۽ مردن اميرزادي، ارباب زادي، مريم سميت عبدالواحد ۽ شير محمد خاصخيلي ميرپورخاص پهچي الزام سٽي پريس ڪلب ميرپورخاص جي ڀرسان هڪ هنڌي دانهيو آهي ته اسان ڪيترن سالن کان سرڪاري زمين تي پنهنجا گهر ٺاهي ويٺل آهيون ۽ هاڻ علائقي جو بااثر زميندار چوڙي اشرف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سر پرنٽنگ پريس بي آر ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمع 29 سيپٽمبر 2023 ع

خطرناڪ هٿيار ڳوٺن ۾ ڪيئن پهتا ؟

سنڌ ۾ ڳراءِ خطرناڪ هٿيار اڳ ۾ ته ڪچي جي ڌاڙيلن وٽان ملندا هئا پر هاڻ اهي ڪچي جي ڳوٺن مان پڻ ملڻ لڳا آهن. جيڪي اتي ڪيئن ٿا پهچن. ان جي حوالي سان اختيارين کو نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهن ۽ نه ئي انهن خطرناڪ هٿيارن جي وڪري ۽ پهچ جا ڳس. گهٽ گهيڙ بند ڪيا وڃن ٿا. گذريل ڏينهن ڪنڌڪوٽ جي ڪچي واري علائقي، گهوڙا گهاٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻگي سبزوئي ۾ علي نواز سبزوئي جي گهر ۾ راڪيٽ لانچر جو گولو ڦاٽڻ سان هڪ ئي خاندان جا پنجن ٻارڙن ۽ عورتن سميت 9 ڀاتي اجل جو شڪار ٿي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پوليس علائقي جو گهيرو ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي ڪشمور- ڪنڌڪوٽ موجب: ٻارن کي گرائونڊ ۾ ڪيڏندي اهو گولو هٿ آيو. جيڪو ڦاٽي، جنهن سبب اهو جاني نقصان ٿيو آهي. سنڌ جي نگران وڏي وزير واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي آءِ جي سنڌ کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. جنهن ۾ سوال ڪيا ويا آهن ته ڇا هٿيارن جي کيپ ڪچي ۾ اسمگل ٿي رهي هئي؟ ڇا ڳوٺ ۾ ڌاڙيلن جا سهولتڪار موجود آهن؟ راڪيٽ لانچر جو گولو ڪيئن ڦاٽو؟

سنڌ جي ڪچي وارن علائقن سميت ڪيترن ئي ضلعن ۾ برادرين جي وچ ۾ خوني تڪرار هلندڙ آهن. جن ۾ پڻ خطرناڪ هٿيارن جو استعمال ٿئي پيو پر اهي هٿيار ڪٿان ٿا اچن ۽ ڪير ٿو خريد ڪري؟ ڇو ته هن مهانگائي جي دور ۾ ماڻهو ٻن ويلن لاءِ پريشان آهن. اهڙي صورتحال ۾ انهن کي ڪير پيو مجبور ڪري ته اهي زمينون وڪڻي پنهنجي ڪُل پونجي سيڙائي هٿيار خريد ڪن؟ انهن ۾ اهو عدم تحفظ ۽ خوف ڪير پيو پيدا ڪري ۽ انهن جي پٺيان ماڻهن تي اعصابي ۽ نفسياتي جنگ مڙهڻ پٺيان ڪهڙا مقصد آهن؟ راڪيٽ لانچر جو اهو گولو ان علائقي ۾ خطرناڪ هٿيارن جي پهچ ۽ رسائي جي شاهدي ڏئي ٿو. ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ گهوٽڪي مان به خطرناڪ هٿيارن جي کيپ پڪڙي وئي هئي ۽ ان کان اڳ ۾ به پوليس ڪجهه ماڻهن کي خطرناڪ هٿيارن سميت گرفتار ڪيو هو. آخر انهن ماڻهن جو ڇا ٿيو؟ انهن جي وسيلي هٿيارن جي وڪري ۾ ملوث نيٽ ورڪ تائين ڇو نٿو پهچي سگهجي؟ ۽ سنڌ ۾ اهي هٿيار ڪٿان ٿا اچن؟ هي اهو ڪچي جو علائقو آهي جتي اڳ ۾ ئي ساوند- سبزوئي جهيڙو هلندڙ آهي. سنڌ ۾ هن وقت قبيلائي دهشتگردي به وڏو مسئلو بڻيل آهي. ايئن ته عرب جي دور جاهليت ۾ ٿيندو هو جو قبيلن جي وچ ۾ دشمنيون ڪيئن پيڙهين تائين هلنديون هيون ۽ هڪ پيڙهيءَ جا بدلا ۽ پلاند ٻي پيڙهي وٺندي هئي. هاڻي ته هتي اسان وٽ به صورتحال انهن پيچرن تي پئي وڃي، جو هتي قبيلائي جهيڙا ختم ٿيڻ جو نالو نه پيا وٺن. اسان اڳ به هن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته هتي قبيلائي پوتار جهيڙن کي هُشي ۽ هٿيارن جي آڪسيجن کي زنده رکندا اچن. انهن مان اڪثر يا ته اليڪٽيبلز آهن يا وري اليڪٽيبلز جا سهولتڪار يا انهن جا ساٿاري ۽ اهي خوف ۽ ڏهڪاءُ پيدا ڪري پنهنجي برادريءَ کي پاڻ سان گڏ رکڻ لاءِ اهي جهيڙا ڪرائيندا آهن ته جيئن انهن جو ووٽ بينڪ Intact رهي.

ڪچي جي هڪ ڳوٺ مان راڪيٽ لانچر جو گولو هٿ اچڻ جي حوالي سان هڪ خبر اها به ميڊيا تي گردش ڪري رهي آهي ته ٻار اهو گولو گرائونڊ مان کڻي آيا ۽ ان کي راند ڪندي چلهي ۾ اڇلايو ويو، جنهنڪري هيڏو وڏو نقصان ٿيو. جيڪڏهن واقعي به ايئن آهي ته پوءِ به سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته گرائونڊ تي اهو گولو ڪيئن پهتو؟ بهرحال سنڌ جي نگران وڏي وزير آءِ جي کان رپورٽ طلب ڪندي جيڪي سوال ڪيا آهن، انهن جو تسلي بخش جواب ملڻ گهرجي. ڇو ته ان سان درست صورتحال سامهون ايندي. اسان پنجن ٻارڙن سميت مارجي ويل 9 ماڻهن جي موت تي ڏک جو اظهار ڪندي اها گهر ڪريون ٿا ته پيرائتي جاچ ڪرائي معاملي جي تهه تائين پهچڻ گهرجي.

رويا ئي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو بنياد آهن

خير محمد ڪولاچي

ڪنهن شخص، گروهه، لابي يا قوم جي اصل قوت اهي رويا آهن، جن جي بنياد تي هو دنياداري ڪري ٿو. ڪاميابين جو دارو مدار مضبوط روين تي آهي، جڏهن ته ناڪامين جو سبب ڪمزور رويا هوندا آهن. ڊوڙن ۾ هرڻ شينهن کان تکو هوندو آهي پر هرڻ جي مقابلي ۾ شينهن پوري قوت ۽ مستقل مزاجي سان ڊوڙندو آهي. هرڻ ڪجهه وقت تيز ڊوڙي پوءِ پٺتي پوئتي جو جائزو وٺندو آهي. اهي رويا شينهن جي ڪاميابي ۽ هرڻ جي ناڪامي بڻجن ٿا.

سڪندر اعظم جڏهن ايران تي حملو ڪيو هو ته ٻنهي قوتن ايران ۽ مقدونيا جو فوجون مضبوط هيون. پر ويڙهه دوران هڪ مرحلي تي دارا سست تي پوئتي هٽيو جنهن جو ڪمزور رويو فوج جي ڪارڪردگي تي اثرانداز ٿيو. جيتوڻيڪ ايراني فوج وڙهندي رهي پر منجهن اهو حوصلو نه ٿي ويو جيڪو لڙائي جي ميدان ۾ لڙائي کٽڻ لاءِ ضروري هوندو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ سڪندر اعظم جي فوج سندن اڳواڻ جي قيادت ۾ مڪمل حوصلي ۽ اعتماد سان وڙهندي رهي، جنهن ڪري ايران جهڙي وڏي سلطنت جي مضبوط فوج پنهنجي سرزمين تي شڪست کائي ويئي.

رويو ڪنهن نظريي يا ماحول جي اثر ۾ نهندو آهي. ڪٿي اهو ذاتي مزاج جي اثر هيٺ به هوندو آهي. قوم جي مجموعي طور نرم يا سخت رويي نهڻ جا به ڪٿي مذهبي ته ڪٿي معاشرتي سبب هوندا آهن. عيسائيت ڪنهن کي چماٽ لڳڻ تي ان کي ٻيو ڳل اڳو ڪري ڏيڻ جو درس پئي ڏنو آهي. اتي اسان جي خطي ۾ صوفي نظريو به ساڳئي قسم جو درس ڏئي ٿو ته:

هوچونئي تون مَ چئو واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي

يعني مان زيادتي ٿيڻ تي به ڪو رد عمل ڪونه ڏيندس. باقي هن کي نيت لڳندي. ٻين لفظن ۾ ڪمزور رهندي پئي ڪي ان جي نيت ۽ عمل جي سزا ملڻ جي اڻ سڌي بد دعا ڏيڻي آهي. اٿين ڳالا به اهو عمل آهي، جنهن ۾ ڳالاڪندڙ پاڻ ڪجهه ڪري نه سگهندو آهي، تنهن ڪري ڳالا ڪري پنهنجي اندر جي ڪاوڙ ڪيندو آهي. ڪٿي ڳالا ان ماڻهوءَ کي پئي سان ويڙهائڻ جي ڪوشش ۾ هوندي آهي. جيڪو قوت ۽ حوصلو رکندڙ هوندو، سو پنهنجو بدلو به وٺندو ته وڙهندو به سڌو. جيڪو وڙهڻ ۾ ڪمزور هوندو آهي يا ويڙهه سندس مزاج ۽ روين جي خلاف هوندي آهي، سو رواجن جو سهارو وٺي پنهنجو بچاءُ ڪندو آهي. سنڌي ماڻهو ڏکهي ويڙهه جو مزاج ڪونه ٿو رکي، تنهن ڪري منٿ ميڙ، تڏو بخشائڻ، نياڻي ميڙ وٺي وڃڻ وارا عمل ڪري ٿو.

اٿين هندو مذهب ۾ ٻئي کي نقصان رسائڻ يا مارڻ پاپ چيو ويو جنهن جي گهڻ رخي اثر هيٺ هندستان جي خطي جي وڏي هندو آبادي سدائين منگولن، ترڪن ۽ پٺاڻن جي ڏاڍ هيٺ رهي. هر ڪو تلوارون لهرائيندو اچي مندرن تي حملا ڪرڻ سان گڏ آبادي تي ڏاڍ ذريعي ڏکهي خانداني حڪمراني ڪندو هو. روين ۾ ڪمزوري ماضي ۾ هندن کان آزادي کسي ورتي.

صوفي سنڌي پنهنجي سرزمين تي ڌارين جي بالادستي ۾ رهندي وسيلا ڦرائڻ سان گڏ ڌارين کان مارون کائيندا رهيا. ڌارين حڪمرانن جي ڏاڍ سان گڏ ٻاهران آيل بزرگن جي تعليم جي اثر سبب هنن جو رويو ۽ مزاج نرم ٿي ويو ان حوالي سان ٻڌ مت جي اثر واري علائقي تبت مان دلائي لاما ملڪ ڇڏي وڃي پرديس ۾ رهي جان بچائي. سندس پوئلڳ مانڪ چين جي ڏاڍ هيٺ رهي، مارون کائي هاڻي ڪنڌائتا ٿي ويا آهن.

ان حوالي سان تاريخ جا ورق اٿلائبا ته معلوم ٿيندو ته يهودي ان ڪري فرعون جا غلام هئا، جو هو ڪمزور هئا. حضرت موسي ع ڪين ان غلامي مان آزاد ڪرائي فلسطين وٺي آيو هو جيتوڻيڪ هو پاڻ ۾ اختلاف رکڻ سان گڏ حضرت موسي ع جي هدايتن جي نافرماني ڪندا هئا پر ٻئي قوم سان وڙهي ڪونه سگهندا هئا. ان کان پوءِ واري دور ۾ ايران جو بادشاهه بخت نصر مٿن حملو ڪري پوري قوم کي غلام بڻائي وٺي وڃي قيد ڪيو ان شڪست ۽ ان موقعي تي بخت نصر طرفان هيڪل سليماني جي ڪيرائڻ تي رهيل هڪ ديوار آڏو اڄ هو گريه ڪندا آهن. روئي ان واقعي تي قومي ناڪامي جي معافي گهرندا آهن.

مسلمانن جي رويي تي نظر وجهو ته سعودي عرب جي سرزمين تان وڃي ٿوري فوج بيڙا ساڙي مڪمل اعتماد سان اڳتي وڌي اسپين تي قبضو ڪري ورتو هو. تنهن سرزمين جا رهاڪو اڄڪلهه لڙائي کان بچڻ لاءِ پنهنجو گهر ڦرائيندا رهن ٿا. سندن پيٽرو ڊالر جي وڏي رقم مغربي ملڪ کڻي ڏيڻا ڦري ٿا وڃن. سندن اڳوڻي ۽ هاڻوڪي رويي ۾ فرق صاف ظاهر آهي. اڳ واري ڪاميابي مضبوط روين سبب هئي، هاڻوڪي پستي ڪمزور روين سبب آهي.

وقت گذرڻ سان انهن قومن ۾ ڏکهي سختي جي رد عمل سبب روين ۾ تبديلي آئي آهي يا اها سچائي سبب آهي. پوءِ اهي يهودي جيڪي صدين کان ڪمزور هئا، سي هن نئين اسرائيل ۾ رهندي جارح ٿي ويا. پنهنجي ملڪ لاءِ زمين خالي ڪرائڻ لاءِ ڪٿي ڪوس ڪيائون ته ڪٿي پاڙيسري ملڪن تي حملي آور ٿيا. اڄ اهو ننڍو ملڪ اسرائيل خطي جو مضبوط ملڪ آهي. سندن معاشي قوت ۽ سندن ايجنسين جا هٿ ٻين ملڪن جي حساس تنصيبات تائين پهتل آهن. ڪي سال اڳ لبنان تي حملي ڪرڻ جي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اسرائيل جي هڪ ڪالم نگار لکيو هو ته اهو اسرائيل جو خوف آهي، جو دنيا جي ڪنهن به ملڪ اسان جي ان حملي جي کلي مخالفت نه ڪئي آهي.

هندستان کي ڏسو ته ماضي ۾ منگولن ۽ ٻين حملي آورن جي غلامي ۾ رهندڙ قوم انگريزن کان آزادي ملڻ تي هاڻ ميزائل ٺاهي پنهنجي ملڪي ۽ قومي قوت تي فخر ڪرڻ لڳي آهي. چوندا آهن ته بکيو ماڻهون بک ۾ مري ويندو آهي يا ڪجهه ملڻ تي کائي کائي مري ويندو آهي. هندستان به ٿوري طاقت ملڻ تي کپڙن کان ٻاهر پيو نڪري. تازو ڪئناڊا ۾ سک رهنما هرديپ سنگهه نجار ۽ ان کان پوءِ وري ٻئي سک اڳواڻ جي قتل تي ڪئناڊا طرفان ان قتل جا پيرا هندستان سرڪار طرف وڃڻ وارن بيانن تي رد عمل ۾ هندستان جي ميڊيا جي نمائندن ڪئناڊا جي وزير اعظم جسٽن ٽروڊو جي مخالفت ۽ ان تي چٽرون ڪرڻ سان گڏ اهي بيان به ڏنا ته هي ڪئناڊا آهي ڇا؟ اسان جون آبدوزون وڃي ان کي ٻمن سان تباهه ڪري اينديون. هي ماڻهون ماضي ۾ جڏهن پنهنجي ٻاچي کان بچندا هئا، هر حملي آور جون مارون کائيندا هئا، ڪنهن ساهه واري کي مارڻ ۾ پاپ سمجهندا هئا، سي روين ۾ تبديلي سبب دنيا کي اکيون ٿا ڏيکارين ۽ جهيڙي جي ڳالهه ٿا ڪن.

ماضي جي روين جي ڀيٽ ۾ عيسائين يهودين ۽ هندن جي روين ۾ ڪيڏو فرق اچي ويو آهي! دنيا جي ٻين ڪيترن حصن ۾ قومن غلامي کان بيزار ٿي آزادي لاءِ منظم ڪوششون ۽ ويڙهون ڪيون آهن. ڪٿي وري حادثاتي طور مليل آزادي ۾ قومون حوصلو وٺي رويا بدلائي ٿيون وڃن. سبب ڪو به هجي پر وقت جي حساب سان قوم جي سوچ تبديل ٿيندي ته اها حالتن کي منهن ڏيڻ ۾ مددگار ٿيندي. پنهنجي خودمختيار پاليسي هيٺ مفادن واري هن جهان ۾ اصولن تي مهاڏو اٽڪائڻ به خوددار قوم جي نشاني آهي.

ڪئناڊا جيڪو معاشي پاور ضرور آهي پر ڪو فوجي پاور ڪونهي، تنهن انساني حقن جي معاملي تي سعودي عرب سان مهاڏو اٽڪائي تعلقات خراب ڪيا، جنهن جو ان کي وڏو اقتصادي نقصان ٿيو پٺي پيري اصولي موقف تي متحده عرب امارات سان ان جا تعلقات ڪافي وقت ڪشيده رهيا. هاڻي هندستان جنهن کي مغرب سرپرستي ڪري مٿي آڻي چين جي سامهون طاقت طور بيهارڻ گهري ٿو تنهن سان به اصولن تي اختلاف ڪندي ان جي سک رهنما جي قتل ۾ ملوث هئڻ واري عمل جي کلي نندا ڪئي آهي.

ان حوالي سان جيڪڏهن پنهنجي سنڌي قوم جي روين تي نظر وجهون ته انهن ۾ نرمي جو عنصر واضح نظر ايندو اسان جو مزاج خطي جي ٻين قومن، پٺاڻ، بلوچ ۽ پنجابي جي ڀيٽ ۾ نرم ۽ مختلف آهي. انهن روين جي فخر ڪريون ٿا پر اسان جا رويا نرم ٿيا ڇو سو پنهنجي جاءِ تي ڌيان طلب آهي. اهو فخر الائي سچو آهي. الائي پنهنجي ڪمزوري لڪائڻ لاءِ آهي، ڪٿي اهو مزاج لکڻين يا شاعري ذريعي پڌرو ٿئي ٿو. اياز جي ان شعر وانگر:

سنڌي سڀ سڀاجهڙا، ٻاجهه ڪنهن جي وڏ

سوال اهو آهي ته اهي رويا نهيا ڪيئن ۽ وقت سان گڏ متجن جو ڪونه ٿا؟ ڪي ان کي ڏکهي غلامي سان ڳنڍيون ٿا. غلامي دوران "آداب غلامي" واري ضرورت هيٺ هيئانهين. جان بچائڻ ۽ حاڪم جي جبر کان بچڻ لاءِ ڪٿي وڃي ٿي. ان سان گڏ حملي آورن سان گڏ ايندڙ پير فقير وري معاشري ۾ دل صاف رکڻ وارا قصا ۽ ڪهاڻيون هڏائي ماڻهن جو مزاج نرم ڪندا رهيا. ڪين هئين خالي دنيا ۾ اچڻ ۽ هئين خالي وڃڻ ڪي ڪاميابي هجڻ وارو درس ڏنو ويو:

ڪجي ڪانوڻي، نانگن ٻڌي نينهن جي.
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي.
اُنين جي چوٽي، پورب ٿيندي ٻڌري.

هاڻي جيستائين انهن جي چوٽي پورب کان پڌري ٿئي. تيستائين ته اسان وڃون ٿا رکون پوئتي ٿيندا. اسان جو ماڻهو ان حوالي سان مونجهاري جو شڪار آهي. اڳ ان کي منجهائڻ وارا اسان جا پير فقير هئا، هاڻي وري اسان جا ليکڪ ۽ دانشور، جيڪي سنڌي قوم کي صوفي رهڻ تي فخر ڪرڻ سان گڏ دنيا وانگر مهاڏو اٽڪائي طاقت سان حق وٺڻ تي همٿائين ٿا. پٽي گدرا مت ۾ ڪيئن جهلي سگهبا؟ سنڌ جو ڏاهو مولانا عبيدالله سنڌي افغانستان مان تحريڪ جي ناڪامي تي جڏهن روس، ترڪي ۽ سعودي عرب مان ٿي ڏکهي عرصي کان پوءِ موٽيو ته هن ڪراچي پهچڻ تي جيڪو جملو چيو هو، سو رهنما هو ته.

"متجو ته متجي ويندو".

جتي اسان جو مزاج نرم آهي، اتي اسان جو روين ۾ همٿ افزائي ۾ گهٽ آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي فيس بوڪ تي لکڻي، جنهن جو عنوان هو "سنڌي عورت ۾ اعتماد جي کوٽ جا سبب" تي هڪ محترم تبصرو ڪندي لکيو هو ته سنڌي عورت ۾ صلاحيت آهي ۽ اها پنهنجون صلاحيتون مڃائي ٿي. مان به ان خيال جو آهيان ته سنڌي ماڻهو بشمول عورت جي، ذهين ۽ با صلاحيت آهن پر ڳالهه آهي اعتماد جي، جنهن جي کوٽ آهي. عورت ۾ اعتماد جي کوٽ مرد جي شڪي رويي سبب آهي، جنهن ڪري صلاحيت هوندي به سنڌي عورت مجموعي طور تي پنهنجو ڪردار ادا ڪري نه ٿي سگهي. چند عورتن جي سرگرمين کي نمائنده نه ٿو چئي سگهجي. ان ڪري ڌارين جي ڏاڍ، بزرگن جي نصيحتن، پنهنجي معاشري جي رواجن سبب جيڪي رويا نهيا آهن، تن تي وقت جي حساب سان نظرثاني جي گهرج آهي. ڪو مڃي يا نه مڃي، ڪو پلي ان حوالي سان احساس برتري ۾ رهي پر اسان جا رويا موجوده دور جي ضرورتن ۽ مستقبل جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ موزون ڪونهن.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا اَنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضن کي.

ڪاڇي جي روڊن کي عوام لاءِ عذاب نه پر سفر لائق بڻايو

تحرير: محمد اسماعيل لانگاهه

دنيا جي ترقي يافته ملڪن جا شهر هجن يا ٻهراڙيون پر اتي معياري روڊ رستن وسيلي عوام جون سڀ تڪليفون ختم ڪيون وڃن ٿيون. پائيدار روڊن جي ڄاڃايل ڄار سان ملڪ جو هر ماڻهو سڀني سهولتن سان جڙڻ آراسته ٿي وڃي ٿو ترقي يافته ملڪ عوام جي ٽيڪس اداڻگين وارو پئسو عوام کي سهولتون ڏيڻ تي ئي خرچ ڪن ٿا پر اسان جو ملڪ جيئن جيئن ترضن ۾ وڪوڙجي رهيو آهي تيئن تيئن ملڪ ڪرپشن جي مرض ۾ وڪوڙجي ويو آهي غريب عوام جي ٽيڪس جو پئسو ڪرپشن ڪري ملڪ کي تباهي ڪنڌي پهچائڻ وارن حڪمرانن عوام جي بنيادي سهولتن جو ڇڻ ڪوبه پروگرام يا پلاننگ ناهي جيڪو اڄي ٿو ملڪ جي دولت لُٽي ڪرپشن ڪري وارو وڃائي هليو وڃي پاڪستان هن لاءِ روزگار ۽ ڪاروبار ناهڻ لاءِ هڪ موزون ملڪ سمجهيو وڃي ٿو دنيا جتي ترقي جون سڀ راهون ڪراس ڪري پئي اتجو سچو راز عوام جو پئسو عوام جي ترقي تي خرچ نظر اچي انهن ۾ معياري ۽ پائدار روڊ رستا انتهائي اهم سمجهيا وڃن.

آزادي ڪانپوءِ اسانجي ملڪ تي جنرل جون حڪومتون به گذريون ته جمهوري حڪومتون به واري واري سان تبديل ٿينديون آيون پر ڪاڇي جي ترقي تي ڪڏهن به انهن جي نظر نه پئي ڪاڇو پاڪستان ۽ سنڌ جي انتهائي پٺتي پيل علائقن ۾ شمار ٿئي ٿو هتي هزارين ننڍا ننڍا ڳوٺ ۽ شهر اڄي وڃن ٿا پر روڊ رستا پڪا نه هئڻ ڪري جبلن ميداني علائقن ۽ برپٽن جا اڙانگا سفر جهاڳي ڪاڇي جا ماڻهو اڄ به رستا نه هئڻ سبب اُٺن گهوڙن گڏهن تي سفر به ڪن ٿا ته روزگار به روڊ رستن جي کوٽ سبب ڪاڇو سمورين سهولتن کان محروم آهي جمهوريت جي سفر جا مزا مائيندڙ سياسي پارٽين ۾ ن ليگ ۽ پ پ برسراقتدار رهيون پر مشڪلاتن مان گذرندڙ ڪاڇي جي ڳوٺن کي روڊ جي سهولتن کان به محروم رکيو ويو اربين رپيا روڊ اسڪيمن جا سياسي حڪومتن هضم ڪري ڇڏيا ڪاڇو اهڙو علائقو آهي جتي روڊ جي سهولت ڪرنگهي جيان اهميت رکي ٿي شهرن تائين تڪڙي رسائي، ايمرجنسي حالتن ۾ بيمار مريضن کي اسپتالن تائين ترت پهچائڻ ۾ روڊن جي سهولت انتهائي ضروري هجي ٿي جيڪا گذريل پنجهتر سالن کان ڪاڇي واسين کي ميسر نٿي سگهي آهي ڪاڇي جا ماڻهن جيتري قدر پ پ سان بيپناهه محبت ڪئي انڌي اعتماد تحت پ پ کي ووٽ ڏيندا رهيا ان عوام جي فيصلي جو پ پ ڪوبه قدر نه ڪيو ۽ نه وري هُن وٽ عوام جي سهولتن جي ڪا پلاننگ آهي نه وري ڪو پروگرام گذريل پندرنهن سالن کان سنڌ ۾ پ پ سرڪار ڪاڇي جي تباهه حال روڊن جي نالي اربين رپيا ڪرپشن ۾ چٽ ڪيا پر ڪوبه روڊ سفر لائق نه بڻجي سگهيو آهي ۽ انهن ۾ دادو ضلعي ۽ جوهي تعلقي جي تاريخي شهر ڊرگهه بالا سميت ٻين ڪيترن ئي شهرن سميت ننڍن ننڍن ڳوٺن جون روڊ اسڪيمون به شامل آهن هنن چاڻايل شهرن سان روڊس کاتي ۽ پ پ سرڪار گڏجي جيڪو ويڌن ڪيو آهي مان سمجهان ٿو شايد ڪنهن ٻئي شهر سان نه ٿيو هجي گذريل پندرنهن سال پ پ سنڌ ۾ حڪمران جماعت رهندي به ڪاڇي جي شهرن جي تباهه حال روڊن کي پڪو نه ڪرائي سگهي جنهن سبب هزارين ماڻهن جو تباهه حال رستن تي سفر ڪرڻ هن وقت جڻ پلسراط تي گذرڻ برابر ٿي ويو آهي گذريل پنجن سالن کان برساتن ۽ ٻوڏن ۾ ڪاڇي جي رستن جي مرمت جا ڪروڙين رپيا تڪ جي سياسي اڳواڻن روڊس کاتي جي ڪامورن ڪرپشن ۾ کائي ڇڏيا ليڪن روڊ کي سفر لائق نه بڻايو ويو موجوده نگران سرڪار طرفان هن وقت وفاقي توڙي صوبائي سطح تائين مختلف کاتن ۾ ڪرپشن خلاف ٿيل وٺ پڪڙ ڪانپوءِ دادو روڊس کاتي خلاف وڏي انڪوائري جي خدشي ڪانپوءِ جوهي ايف پي بند کان حاجي خان شهر تائين روڊ جي ٺيڪيدار پاران ڏهه ڪلوميٽر مفاصلي تائين ڊرگهه بالا روڊ جي ٻنهي پاسن کان ايڪسيويٽرن وسيلي مٽي رکرائي پنهنجو ريڪارڊ صاف ڏيکارڻ لاءِ پئسو به خرچ ڏيکاريو آهي ته روڊ به نهرايل ڏيکاريو پر روڊ جي پاسن ۾ پيل مٽي سان علائقي جي هزارين مسافرن کي جهڙي نموني عذابن ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي روڊس کاتي توڙي پ پ سرڪار جو ڪاڇي جي عوام سان ٿيل هي ظلم ڪو نئون نه پر تمام پراڻو آهي

ڪاڇي جا ترقياتي منصوبا خاص طور روڊن جون اسڪيمون ڪاڇي واسين لاءِ سهولتون نه پر عذاب بڻايون ويون آهن ۽ سرڪاري ڪامورن لاءِ ملڪيتون ناهڻ لاءِ روڊ اسڪيمون اهم ڏنڊو ٿي ويون آهن افسوس جو ڳي ڳالهه آهي هڪ طرف پ پ عوام سان محبت جون دعوائون به ڪري ٿي ته ٻي طرف ڪاڇي واسين جي تذليل جا به ريڪارڊ قائم ڪيا اٿس روڊ رستا ڪاڇي جي علائقن لاءِ ڪيتري قدر اهم ۽ ضروري آهن انجو اعليٰ اختيارين بخوبي واقف آهن موجوده نگران سرڪار اعليٰ اختيارين ڪاڇي ۾ روڊس کاتي ۽ ٺيڪيدار خلاف عوام سان ڪيل هن ظلم جو فوري نوٽيس وٺڻ گهرجي ۽ ڪاروبار بڻيل انهن اسڪيمن جي جاچ ڪرائي ته اهي مڪمل ڇو نه ڪيون ويون هن وقت نيب جي ڪاروائين جي خوف کان ترتڪڙ ۾ پنهنجو ريڪارڊ صاف ڏيکارڻ ۽ ڪرپشن ۾ هضم ڪيل پئسو خرچ ڏيکارڻ لاءِ ٺيڪيدارن روڊن کي سفر لائق بڻائڻ بجاءِ عوام لاءِ وڌيڪ عذاب بڻائي ڇڏيا آهن رستي تي وڇايل مٽي ڌوڙ دز سڄو ڏينهن ٽرئفڪ جي اچ وڃ سبب طوفان جيان اڏامندي رهي ٿي جنهن سبب حادثن جو خطرو به وڌي ويو آهي سپريم ڪورٽ، سنڌ هاءِ ڪورٽ نيب چيئرمين، نگران وزيراعليٰ سميت تمام وس وارن اختيارين کي ڪاڇي جي شهر ڊرگهه بالا روڊ ۾ روڊس کاتي دادو ۽ ذميوار ٺيڪيدارن طرفان ٿيل ڪرپشن جي جاچ ڪري ذميوارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي روڊن کي عوام لاءِ عذاب نه سفر ۽ سهولتن لائق بڻائي ڪين تڪليفون ختم ڪرايون وڃن

صاحب جو لفظ حڪمراني کي ظاهر ڪري ٿو آئين ۾ اهڙي ڪا به شق موجود نه آهي. سپريم ڪورٽ سرڪاري آفيسرن لاءِ صاحب جو لفظ استعمال ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي.

بقايا *** 01

جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ جسٽس طهر من الله ۽ جسٽس امين الدين خان تي ٻڌل ٽي رڪني بئنچ فيض آباد ڌرڻي جي نظرثاني ڪيس جي ٻڌڻي ڪري رهي آهي. پر ان کان اڳ ڌرين نظرثاني درخواستون واپس وٺي ڇڏيون آهن پيمرا ۽ انٽيليجنس بيورو ڪانپوءِ هاڻي وفاق به نظرثاني درخواست واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي تصديق اٽارني جنرل ڪئي وفاق بجاءِ واري وزارت ذريعي نظرثاني درخواست داخل ڪئي هئي پر هاڻ اٽارني جنرل عثمان منصور چيو ته فيض آباد ڌرڻي جي نظرثاني درخواست واپس وٺي رهيا آهيون. سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي دوران اٽارني جنرل چيو ته وفاق فيض آباد ڪيس ۾ دفاع نٿو ڪرڻ چاهي. جنهن تي چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته هاڻي ڪيس چو واپس وٺڻ چاهيو ٿا؟ پهريان چيو ويو ته فيصلي ۾ غلطيون آهن. هاڻي ڪيس واپس وٺي رهيا آهيو ان جا ڪارڻ ته ٻڌايو؟. اٽارني جنرل عدالت کي ٻڌايو ته نظرثاني اپيل جڏهن داخل ڪئي وئي ان وقت حڪومت ٻي هئي. چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته اوهان لکت ۾ درخواست داخل ڇو نه ڪئي؟ اٽارني جنرل جواب ڏنو ته پنهنجو بيان ڏئي رهيو آهيان. ٻڌڻي دوران پيمرا جي وڪيل حافظ احسن به عدالت کي ٻڌايو ته هو به پنهنجي نظرثاني اپيل واپس وٺي رهيو آهي. ان تي چيف جسٽس سوال ڪيو ته ڪنهن جي هدايت تي واپس وٺي رهيا آهيو؟. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته پهرين ڪجهه ڳالهين جي وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو. هي ريگيولر بئنچ آهي خاص بئنچ ناهي. نظرثاني درخواستون فوري طور مقرر ٿينديون آهن پر اهي چئن سالن تائين مقرر نه ٿيون. فيصلو ڏيڻ وارو هڪ جج رٽائرڊ ٿي چڪو انڪري ان بئنچ ۾ ڪيس نه لڳو ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ جي وڪيل به درخواست واپس وٺڻ جي استدعا ڪئي ۽ وڪيل علي ظفر چيو ته اسان پي ٽي آءِ جي درخواست جي پيروي نٿا ڪرڻ چاهيون. ان تي چيف جسٽس وڪيل کان پڇائو ڪيو ته ڇا اوهان کي درخواست واپس وٺڻ جو اختيار آهي؟ جيڪڏهن اوهان ڌر بڻجڻ چاهيو ٿا ته عدالت اوهان کي اجازت ڏيندي. علي ظفر جواب ڏنو ته نه اسان ڪيس ۾ ڌر بڻجڻ نٿا چاهيون. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ فيض آباد ڌرڻي جي فيصلي تي عملدرآمد بابت سوال اٿاريا. ان دوران اٽارني جنرل سپريم ڪورٽ کي فيض آباد ڌرڻي ڪيس فيصلي تي عملدرآمد جي خاطري ڪرائيندي چيو ته ڪيس جي فيصلي تي عمل ڪنداسين پر ان لاءِ عدالت وقت ڏي. عدالت نظرثاني درخواستن تي ٻڌڻي پهرين نومبر تائين ملتوي ڪندي ڌرين کي 27 آڪٽوبر تائين جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. ياد رهي ته پي ٽي آءِ، اليڪشن ڪميشن، اعجاز الحق ۽ ايم ڪيو ايم فيض آباد ڌرڻي فيصلي خلاف نظرثاني درخواستون داخل ڪيون هيون. جڏهن ته شيخ رشيد جي وڪيل ڪيس ۾ التوا جي درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 02

ڪئي. ٻڌڻي دوران رمارڪس چيف جسٽس چيو ته سرڪاري آفيسرز لاءِ صاحب لفظ جو استعمال حڪمراني ۽ بادشاهت وارو انداز ظاهر ڪري ٿو چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته اسان جي ڪارڪردگي ٻڙي آهي. ڌاڙيلن ۽ رياست ۾ ڪو ته فرق هجڻ گهرجي. انصاف جي نظام سان مذاق جو سلسلو هاڻ بند ٿيڻ گهرجي. چيف جسٽس چيو ته سرڪاري ملازمن جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ آهي. ميمبر جي ٽالي سان صاحب جو لفظ استعمال ڪرڻ سمجهه کان ٻاهر آهي. آفيسن ۾ سرڪاري ملازمن لاءِ

بقايا *** 03

اڪائونٽس ڪيس ۾ 24 آڪٽوبر تي ذاتي حيثيت ۾ به طلب ڪري ورتو آهي. ٻئي پاسي عدالت طرفان توشا خانا ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني کي به 24 آڪٽوبر تي طلب ڪرڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 04

۾ ٿي. چيف جسٽس دليل نه ڏيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي وڪيل فياض شيرازي کي چيو ته ڪيس ۾ ميرٽ تي دليل ڏيو. ٻڌايو توهان جي درخواست ٻڌڻي جوڳي آهي؟ وڪيل چيو اسان جو ڪيس مدي خارج آهي. جنهن تي چيف جسٽس چيو ته عدالت توهان جو ڪيس ٻڌڻ چاهي ٿي ۽ توهان چئي رهيا آهيو ته ڪيس مدي خارج آهي. توهان ڪلارڪ نه سپريم ڪورٽ جا سينيئر وڪيل آهيو. چيف جسٽس چيو توهان جو وڏو احترام آهي. ڇو ته توهان سينيئر وڪيل آهيو ۽ توهان جو وڏو مرتبو آهي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ دليل نه ڏيڻ تي نظرثاني درخواست رد ڪري ڇڏي.

بقايا *** 05

موٽرسائيڪلز ۽ رجسٽر به چيڪ ڪيا. وڏي وزير ايس ايس پي کي ٻين ٿاڻن جي انسپيڪشن ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪيون. نگران وڏي وزير لاڪ اپ ۾ قيد چوري ڪيس جي جوابدار کان واقعي جو تفصيل به معلوم ڪيا. وڏي وزير مقبول باقر نيو ڪراچي ۾ چلڊرين اسپتال جو اوچتو دورو به ڪيو. وڏي وزير اسپتال ۾ علاج معالجي جي سهولتن جو جائزو ورتو.

بقايا *** 06

ڪئي. جنهن ۾ پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي به شريڪ هو. اجلاس دوران آرمي چيف کي صوبي جي مجموعي سيڪيورٽي صورتحال، بجلي، گئس چوري، ذخيري اندوزي ۽ پرڏيهي ڪرنسي جي سمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. جڏهن ته شرڪت ڪندڙن کي اقليتن جي تحفظ لاءِ کنيل قدمن ۽ ڪچي جي علائقي ۾ جاري آپريشنز تي اڳڀرائي بابت به آگاهه ڪيو ويو اجلاس ۾ فورم غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهين جي واپسي جو به جائزو ورتو ويو. جڏهن ته فورم کي خاص سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل ۽ گرين پنجاب جي قدمن تي اڳڀرائي کان به آگاهه ڪيو ويو. ان موقعي تي آرمي چيف زور ڏنو ته غير قانوني معاشي سرگرمين خلاف قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ لاڳاپيل کاتا گڏجي ڀرپور قوت سان ڪارروائيون جاري رکن. غير قانوني معاشي سرگرمين خلاف ڪارروائي جي نتيجي ۾ پاڪستان کي مختلف طريقن سان ٿيندڙ معاشي نقصان مان ڇوٽڪارو ملي سگهندو. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ عزم جو اظهار ڪيو ته رياستي ادارا، سرڪاري کاتا ۽ عوام صوبي جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ متحد آهن.

بقايا *** 07

سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته شهباز شريف بابت خبرون گردش ڪنديون رهيون ته هو ٻه ڏينهن لاءِ آيو ۽ ٻيهر واپس هليو ويو سندس چوڻ هو ته ڪجهه شين جي مشاورت ٽيليفون تي نٿي ڪري سگهجي ۽ ڪجهه ڳالهين تي کليل بحث ڪيو ويندو آهي. هن چيو ته شهباز شريف، نواز شريف سان اليڪشن بابت مشاورت ڪئي.

شهباز شريف جو اسٽيبلشمينٽ جو پيغام کڻي وڃڻ وارين ڳالهين ۾ صداقت ناهي. اڳوڻي بچاءُ واري وزير چيو ته نواز شريف 21 آڪٽوبر تي وطن واپس ورندو، ارادو پڪو آهي. نواز شريف جي واپسي جون پريپورٽيارينون جاري آهن. هن وڌيڪ چيو ته هو نواز شريف جي واپسي تي سندس گرفتار بابت ڪا به ٺهو ڪري سگهي. اڳوڻو قانون وارو وزيراعظم نذير تارڙ معاملي کي ڏسي رهيو آهي.

بقايا *** 08

5 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن روپوش جوابدار جي گرفتاريءَ لاءِ ڪارروائي ڪئي. گهر گهر تلاشي دوران مزاحمت تي فائرنگ ڪئي وئي، فائرنگ ۾ زخمي ٿيلن ۾ اله داد، امام الدين، سارنگ، علي نواز ۽ سجاول جلباڻي شامل آهن. هوڏانهن 4 ڄڻن جي مارجڻ واري واقعي خلاف ڳوٺاڻن قومي شاهراهه تي لاش رکي ڌرڻو هنيو جنهن سبب ٻنهي طرفن کان روڊ بلاڪ ٿي ويو ۽ گاڏين جون قطارون لڳي ويون. ايس ايس پي نوابشاهه موجب قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڏوهاري جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي ڪئي، ڳوٺاڻن پوليس ۽ رينجرز تي حملي ۾ 4 اهلڪار زخمي ٿي پيا، پوليس ۽ رينجرز جي جوابي فائرنگ ۾ 4 جوابدار مارجي ويا. نگران گهرو وزير حارث نواز جو چوڻ آهي ته آپگهاتي بمبار جي موجودگيءَ جي اطلاع تي پوليس ۽ رينجرز ڳوٺ ماڙي جلباڻي ۾ ڪارروائي ڪئي هئي.

بقايا *** 09

جنهن جو سبب ان جي مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز سان تمام گهڻي هڪ جهڙائي آهي. وڊيو ۾ اماراتي وزير گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪري رهي آهي جڏهن ته ان جو ڳالهائڻ جو انداز، ڪپڙن ۽ وارن جو اسٽائيل مريم نواز جيان نظر اچي رهيو آهي. ريم بنت ابراهيم جي وائرل وڊيو تي سوشل ميڊيا صارفين دلچسپ تبصرا ڪري رهيا آهن. ان حوالي سان هڪ صارف چيو هو ته اها خبر ناهي ته مريم نواز اماراتي وزير جي نقل ڪئي آهي يا هو مريم نواز کان متاثر آهي. (ن) ليگ جي حامين جو چوڻ آهي ته اماراتي وزير اسٽائلنگ جي معاملي ۾ مريم نواز جي ڪاپي ڪئي آهي جڏهن ته (ن) ليگ جي مخالفن مريم نواز جي باري ۾ تنقيد واري انداز ۾ تبصرا ڪيا آهن.

بقايا *** 10

ڪيون ويون آهن. حڪومت ڊسمبر ۾ ٻن ايل اين جي ڪارگوز لاءِ بوليون طلب ڪيون آهن ۽ 4 آڪٽوبر تائين وصولي ڪانپوءِ ان ڏينهن ئي بدز کوليون وينديون. گذريل سال عالمي اگهن ۾ واڌ سبب پاڪستان کي ايل اين جي ڪارگوز حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش آيون هيون. ماهرن جو چوڻ آهي ته گذريل سال جي ڀيٽ ۾ هن سال عالمي سطح تي گئس جا اگهه گهٽ آهن پر سياري ۾ سڄي دنيا ۾ گئس جو استعمال وڌڻ سبب اگهن تي اثر پوندو آهي.

بقايا *** 11

امداد تحت حاصل اربين ڊالرن ۽ ايشيائي ملڪن سان وڌندڙ واپار هتي ان مهينن ۾ افغان ڪرنسي کي عالمي درجي بندي ۾ مٿي آڻي ڇڏيو آهي ۽ اهو غربت ستيل ملڪ لاءِ هڪ غير معمولي مرحلو آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته آگسٽ 2021 ۾ ڪابل تي ٻيهر ڪنٽرول ڪانپوءِ طالبان ڪرنسي ۽ واپار تي سخت قدم کنيا. رپورٽ موجب طالبان افغانين کي آمريڪي ڊالر ۽ پاڪستاني رپيو استعمال ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ افغان ڪرنسي افغاني کي هٿي ڏيڻ لاءِ آن لائن ٽريڊنگ تي پابندي لڳائي ڇڏي، جنهن سان ڪرنسي مضبوط ٿي.

بقايا *** 12

جي ضرورت آهي.هن چيو ته 9 مئي جي واقعن جي تناظر ۾ اسان کي متحد قوم جي حيثيت سان اڳتي وڌڻو آهي. ڪامران ٽيسوري چيو ته سڄي قوم 9 مئي سانحي جي سخت مذمت ڪري ٿي ۽ پوري قوم پنهنجي هٿياربند فوج ۽ قومي سلامتي ادارن سان گڏ بيٺلي آهي. هن چيو ته عوام جي ڀلائي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندس.

بقايا *** 13

دوران پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ برسات جو امڪان آهي. پي ڊي ايم اي موجب چوماسي جو آخري اسپيل خطرناڪ انداز سان گڏ شروع ٿيڻ جو امڪان آهي. برساتن سبب گرمي پد ۾ واضح گهٽتائي جا امڪان آهن.

بقايا *** 14

افراتفري، ڏڦير، بدامني ۽ انتشار جو شڪار آهي ته ڪنهن جي جان، مال ۽ نه وري عزت آبرو محفوظ آهي. ربيع الاول مهينو هڪ بابرڪت

نبي مهربان صه جي آمد جو مهينو آهي. هر عاشق رسول لاءِ اهو لازم آهي ته هو پاڻ اسوه حسنه جي مڪمل پيروي ڪري ۽ ان جي پيغام کي دنيا ۾ عام ڪري آخرت ۽ دنيا جي ڪاميابي حاصل ڪري. اسان جو ايمان آهي ته نبي صه آخري نبي آهي هاڻي جيڪو به نبوت جي دعويٰ ڪري اهو ڪوڙو، مڪار ۽ خائن آهي. الله جي بندگي، محمد صه جي اطاعت ۽ انسانن جي خدمت ئي دراصل قرآن ڪريم جي سموري دعوت جو نچوڙ آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن جماعت اسلامي تعلق نل ٻاران مقامي هال ۾ رٿيل رحمت للعالمين ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي صوبائي امير محمد حسين محنتي، نائب امير حافظ نصرالله چنا، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالحفيظ بجاراڻي، برک عالم دين مولانا رفيع الدين چنا ۽ ضلعي امير حاجي ديدار علي لاشاري پڻ خطاب ڪيو. لياقت بلوچ وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ 73 جو آئين نهيو تڏهن سموري قوم ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته پاڪستان ۾ قرآن ۽ سنت کان بالاتر ڪو به قانون نه هوندو. اقليتن سميت هر شخص جي جان، مال ۽ عزت آبرو کي مڪمل تحفظ حاصل هوندو. پر افسوس جو اڄ تائين آئين ۽ دستور تي مڪمل طرح سان عمل نه ٿي سگهيو آهي. اڄ اسلام پوري طاقت سان دنيا ۾ ڦهلجي رهيو آهي جنهن کي دنيا جي ڪا به طاقت روڪي نٿي سگهي. اسين اڄ اها ڳالهه طي ڪري وٺون ته وياج واري قرض ۽ آءِ ايم ايف جي غلامي سان نه بلڪ پنهنجي قوم، پنهنجي جوانن، عفت ماب عورتن ۽ هنرمندن جي طاقت سان پاڪستان کي هڪ مثالي رياست بڻائينداسين. عوام جماعت اسلامي جو ساٿ ڏي. ڪارڪن جماعت جي دعوت عام ماڻهن تائين پهچائين. ان شاء الله جماعت اسلامي پاڪستان کي بحرانن مان نجات ڏياريندي، حقدارن کي پنهنجو حق ملندو ۽ ملڪ ۾ عدل توڙي انصاف جو نظام قائم ٿي رهندو ان موقعي تي صوبائي امير محمد حسين محنتي خطاب ڪندي چيو ته جماعت اسلامي دين کي قائم ڪرڻ جي هڪ عالمگير تحريڪ آهي جيڪا پيغام مصطفيٰ صه کي نافذ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. ملڪ ۾ صالح معاشري جي قيام ۽ اسلامي انقلاب لاءِ عوام جماعت اسلامي جو ساٿ ڏئي.#

بقايا *** 15

ڪئي. پ پ جي گذريل حڪومت جي همدرد پوليس اڄ به موجود آهي. اليڪشن کان اڳ پيپلزپارٽي پوليس ذريعي انتقامي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن. ماڙي جلباڻي ۾ ايس يو سي جي معصوم ووٽرن کي انتقامي ڪارروايون جو نشانو بڻايو ويو جڏهن ته ماڙي جلباڻي ۾ ايس يو سي جي ووٽرن مٿان سڌي فائرنگ ڪئي وئي. پيپلزپارٽي پوليس ذريعي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گمراهه ڪري رهي آهي. سنڌ جي عوام صوبائي نگران حڪومت جو هي تحفو برداشت نه ڪندي. ايس ايس پي نوابشاهه حيدر رضا جو بيان غلط بياني تي ٻڌل آهي. واقعي ۾ ملوث اهلڪارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي. ايس ايس پي نوابشاهه حيدر رضا کي فوري طور هٽايو وڃي. فوري طور تي اعليٰ سطحي عدالتي جاچ جو مطالبو ڪريون ٿا. هوڏانهن نوابشاهه ۾ پوليس کي ضلعي بدر ڪيو وڃي. ٻين ضلعن مان پوليس کي نوابشاهه ۾ مقرر ڪيو وڃي.

بقايا *** 16

ڏاکڻي علائقن ۾ موسم گرم رهڻ جو امڪان آهي. ڪراچي، ٺٽي، بدين ۽ حيدرآباد ۾ پارو 38 کان 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي سگهي ٿو. موسميات کاتي موجب ڪراچي ۾ چنجر ڏينهن موسم انتهائي گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي. ان دوران گرمي پد 39 کان 41 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو.

بقايا *** 17

غلام فريد کي هڪ لک رپيا ڏنڊ ڀرڻ جو حڪم ڏنو. عدالت عظميٰ چيو ته بي بنياد ۽ فضول ڪيس بازي جو اڳ ۾ مظاهرو ڪيو ويو. عدالت عام طور تي لچڪ جو مظاهرو ڪندي آهي. سپريم ڪورٽ چيو ته درخواستگذار ماضي ۾ به بي بنياد ڪيس بازي ڪئي. جنهن تي مٿس ڏنڊ لڳو عدالت عظميٰ حڪم ڏنو ته ڏنڊ جي رقم ڌرين کي ادا ڪئي وڃي. ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪرڻ تي سول ڪورٽ جو فورم موجود آهي. واضح رهي ته هاءِ ڪورٽ به بي بنياد ڪيس بازي تي درخواست گذار تي به لک رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو هو.

بقايا *** 18

جي وچ ۾ رهڻ جو امڪان آهي. رپورٽ ۾ پيٽروليم شين ۽ بجلي جي اگهن ۾ واڌ کي مهانگائي جو وڏو سبب قرار ڏنو ويو آهي. ناڻي واري وزارت جي رپورٽ موجب ٽرانسپورٽ جي ڀاڙي، ضروري شين ۽ سروسز سيڪٽر ۾

سهولتون مهانگيون ٿيڻ جو خدشو آهي. ڊالر جو ريٽ گهٽجڻ سان امپورٽڊ مهانگائي ۾ گهٽتائي آئي آهي. ناڻي واري وزارت چيو آهي ته غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج ڊيلرز ۽ ذخيري اندوزن خلاف سخت ايڪشن ورتو ويو آهي. جنهن سبب ايڪسچينج ريٽ ۾ استحڪام پيدا ٿي رهيو آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته عالمي سطح تي غذائي جنسن جي اگهن ۾ گهٽتائي جو رجحان آهي. جڏهن ته روس يوڪرائن جنگ سبب چانور ۽ کنڊ جا اگهه وڌي رهيا آهن.

بقايا *** 19

جا تفصيل گذريل هفتي ڪابل ۾ پاڪستان جي اعليٰ سطحي وفد جي ڳالهين دوران شيئر ڪيا. رپورٽ موجب. طالبان جي سپريم ليڊر هيبت الله اخوندزادا پنهنجي فورسز کي پاڪستان خلاف سرحد پار حملن کان روڪي ڇڏيو آهي ۽ حملن کي حرام ۽ غير اسلامي قرار ڏنو آهي. طالبان سپريم ليڊر افغان عوام کي به حڪم ڏنو آهي ته هو ٽي ٽي پي سان ڪو به سهڪار ڪرڻ کان پاسو ڪن عطيو ڏيڻ به بند ڪن.

بقايا *** 20

ڪري ڇڏيو آهي. نامياري صحافي جاويد چوڌري جو چوڻ آهي ته ٻنهي پارٽين ۾ ٺٺ ٿيو آهي ته ايندڙ چونڊن ڪانپوءِ بلوچستان جي حڪومت "باپ" پارٽي کي ڏني ويندي، مرڪز ۾ ڪجهه اهم وزارتون به ڏنيون وينديون. جيڪڏهن سينيٽ جو چيئرمين اسحاق ڊار ڪي نه بڻايو ويو ته باپ کي سينيٽ چيئرمين شپ به ڏني ويندي. جيڪڏهن اسحاق ڊار سينيٽ چيئرمين ٿيو ته ڊپٽي چيئرمين شپ "باپ" کي ڏني ويندي. ٻنهي پارٽين ۾ معاملاڻ ٿي ويا آهن. صرف (ن) ليگ ۾ باپ جي ضم ٿيڻ جو اعلان ٿيڻو آهي.

بقايا *** 21

ادا ڪيا. ان موقعي تي نبي ڪريم صه جي حضور درود سلام پيش ڪيا ويا. جڏهن ته ملڪ ۽ قوم جي ترقي خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون. نگران وزيراعظم اڄ عمري جي ادائيگي لاءِ مڪه مڪرمه روانو ٿيندو جتي هو مسجد الحرام ۾ عمرو ادا ڪندو جڏهن ته نگران وزيراعظم جي دوري دوران سعودي عرب ۾ اعليٰ اختيارين سان ملاقاتون پڻ ٿينديون ياد رهي ته گذريل ڏينهن نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ نجي دوري تي سعودي عرب پهتو هو. گورنر شهزادي فيصل بن سلمان، مدينه منوره جي امير محمد بن عبدالعزيز انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي نگران وزيراعظم جي آجيان ڪئي. نگران وزيراعظم جي دوري دوران پاڪستان جو سفير احمد فاروق، قونصل جنرل خالد مجيد، پاڪستاني سفارتخاني ۽ جده قونصليٽ جنرل جا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا *** 22

ڪمشنر ڪراچي محمد سليم راجپوت، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي خادم رند، ڪوآرڊينيٽر ايمرجنسي آپريشن سينٽر سنڌ ارشاد علي سوڍر ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي جڏهن ته سمورن ضلعي ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنرن وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پوليو وائرس جي مجموعي صورتحال ۽ ان جي روڪٿام جو جائزو ورتو ويو اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ڪوآرڊينيٽر ايمرجنسي آپريشن سينٽر سنڌ ارشاد علي سوڍر چيو ته گذريل 3 سالن کان سنڌ ۾ پوليو جو ڪو به ڪيس سامهون ناهي آيو جيڪا هڪ وڏي ڪاميابي آهي ۽ ان ڪاميابي کي جاري رکڻ پاڻ ۾ وڏو چئلينج آهي. ارشاد علي سوڍر وڌيڪ ٻڌايو ته پوليو مهم لاءِ عملي جي تربيت جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي. هن چيو ته مهم دوران ٻارن کي پوليو جا ڦڙا ۽ وٽامن اي جي ڊوز کارائڪ پڻ پياريا ويندي. ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد فخر عالم چيو ته پوليو کان بچاءَ واري مهم کي موجوده هائي رسڪ يونين ڪائونسلن ۾ موثر انداز ۾ شروع ڪيو وڃي ته جيئن خاطر خواه نتيجا حاصل ڪري سگهجن. ان سلسلي ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو پوليو مهم جي سخت نگراني ڪن ۽ پنهنجي لاڳاپيل آفيسرن کي روزاني جي بنياد تي رپورٽ پيش ڪن. چيف سيڪريٽري سنڌ صحت کاتي کي هدايت ڪندي چيو ته سمورن ريلوي اسٽيشنن ۽ بس اڏن تي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا وڃن. هن تعليم کاتي جي عملدارن کي پڻ هدايت ڪئي ته مهم دوران خانگي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياريا وڃن. ياد رهي ته 2 آڪٽوبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم ۾ 10 ملين کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياريا ويندا. جنهن ۾ 80 هزار کان وڌيڪ پوليو ورڪر ۽ سپروائيزر حصو وٺندا. اجلاس ۾ ڊيوٽي دوران ٽرين حادثي ۾

زخمي ٿيل پوليو ورڪر هما اشرف لاءِ سنڌ حڪومت پاران امداد جي اعلان تي چيف سيڪريٽري چيو ته پوليو ورڪر هما اشرف کي حڪومت طرفان هڪ ڪروڙ رپيا ڏنا ويندا. ان سلسلي ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ناڻي کاتي کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا *** 23

سبب ايندڙ آفتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪندي انتونيو گوتريس ماحولياتي تبديلين ۾ گهٽ حصو هئڻ باوجود سڀ کان وڌيڪ نقصان برداشت ڪندڙ پاڪستان کي "موسمياتي انصاف لاءِ لٽمس ٽيسٽ" قرار ڏنو انتونيو گوتريس چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين ۽ اسان جي دقيانوسي ۽ غير منصفاڻي عالمي ماليات نظام جو شڪار آهي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان جي ٻوڏ متاثرن لاءِ مالي امداد جو رڳو 69 سيڪڙو هدف حاصل ڪري سگهياسين. هن عالمي طاقتن کان پاڪستان لاءِ اعلانيل امداد ڏيڻ جو مطالبو پڻ ڪيو.

بقايا *** 24

ڏينهن ڊالر هڪ رپيو هڪ پئسو سستو ٿيو آهي. اڄ انٽر بئنڪ ۾ ڊالر هڪ رپيو هڪ پئسو سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 287 رپين 74 پئسن جو ٿي ويو. انٽر بئنڪ ۾ هلندڙ هفتي ڊالر 4 رپيا 2 پئسا، جڏهن ته هلندڙ مهيني ۾ 17 رپيا 80 پئسا سستو ٿيو آهي. هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر ٻه رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 288 رپين جو ٿي ويو آهي. اوپن مارڪيٽ ۾ هلندڙ هفتي ڊالر 5 رپيا 50 پئسا، جڏهن ته سيپٽمبر ۾ 35 رپيا سستو ٿيو آهي.

بقايا *** 25

۾ اڳوڻي گورنر عمر سرفراز چيما ۽ اڳوڻي صحت واري صوبائي وزير ياسمين راشد نامزد آهن. ان ڪانسواءِ چالان ۾ خديجه شاهه ۽ صنم جاويد سميت ٻيا جوابدار پڻ شامل آهن پراسيڪيوشن جناح هائوس حملي ڪيس، عسڪري ٽاور حملي، شادمان ٿاڻي ۽ شير پائوبل تي پيچ ڏاهڻ جي ڪيس جو چالان به عدالت ۾ داخل ڪرايو آهي. ياد رهي ته نو مئي تي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ پي ٽي آءِ ڪارڪنن اهم سرڪاري ۽ دفاعي ادارن جي عمارتن کي نشانو بڻايو جنهن ۾ شهيدن جي يادگارن کي به نقصان پهچايو ويو هو نو مئي سانحي ڪانپوءِ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پي ٽي آءِ خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي ڪيئي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو جن ۾ اعجاز چوڌري، ميان محمود، شهريار آفريدي، عمر سرفراز، ياسمين راشد ۽ ٻيا شامل آهن.

بقايا *** 26

انصاف هائوس عدالتي حڪم تي کوليو ويو. پي ٽي آءِ لائرز فورم جي وڪيلن جو وڏو انگ انصاف هائوس تي موجود آهي. هن ٻڌايو ته ايندڙ مڪاني ۽ عام چونڊن جي سمورين سرگرمين جي شروعات ڪئي ويندي. واضح رهي ته هلندڙ سال 9 مئي واقعن ڪانپوءِ ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جي مرڪزي آفيس بند ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 27

۾ اهي گاڏيون استعمال ٿي سگهن ٿيون. اڳوڻو اسپيڪر آغا سراج دراني سنڌ اسيمبلي جون 22 گاڏيون استعمال ڪري رهيو آهي،سنڌ اسيمبلي جي ملازم آفتاب مهر چيف اليڪشن ڪمشنر، گورنر، نيب چيئرمين ۽ نگران وڏي وزير ڏانهن ليگل نوٽيس موڪلي ڇڏيو ليگل نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته اسپيشل سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي اڳوڻي ايم پي ايز ۽ ٻين کي گاڏيون واپس ڪرڻ لاءِ چيو هو پر گاڏيون واپس نه ڪيون ويون. سنڌ اسيمبلي جون 3 گاڏيون اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر وٽ آهن. اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين وٽ 9 گاڏيون آهن اڳوڻو اسپيڪر ۽ اڳوڻا ايم پي ايز 11 گاڏيون گذريل 10 سالن کان پيٽرول سان گڏ استعمال ڪري رهيا آهن. سنڌ اسيمبلي جون 24 گاڏيون اڃا تائين گم آهن جن جي ايف آءِ آر به داخل نه ڪرائي وئي آهي

بقايا *** 28

ڪيو ويندو نامزد چيف جسٽس عرفان سعادت، ٻيا جج ۽ سينيئر وڪيل تقريب ۾ شرڪت ڪندا

بقايا *** 29

انساني استعمال لاءِ هاڃيڪار هوندو آهي. ضرورت محسوس ڪئي وئي ته ان ضايع ٿيل کاڌي پيتي کي چڱي طرح ڊسپوز ڪيو وڃي ۽ ان کي وڌيڪ پيداواري مقصدن لاءِ ٻيهر استعمال ڪيو وڃي. جنهن ذريعي فارمن، ريسٽورنٽ، هوٽلن، فوڊ پروسيسنگ پلانٽس وغيره مان نڪرندڙ خوراڪ کي مستقبل جي خوراڪ ۽ ٻين پيداواري استعمال لاءِ پاڻ طور استعمال ڪري سگهجي. ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ

سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جي آفيس ۾ هڪ تفصيلي اجلاس ٿيو. جنهن ۾ آغا فخر حسين ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جي ايم ڊي امتياز شاهه پنهنجي لاڳاپيل ٽيڪنيڪل ڪنسلٽيمن سميت شرڪت ڪئي. مختلف مختصر مدي، وچولي مدي ۽ ڊگهي مدي واري آپشن تي بحث ڪيو ويو اجلاس ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڪنسلٽيمن ذريعي تفصيلي سروي ڪرايو ويندو ۽ ان مقصد لاءِ مفاهمت جي ياداشت تي صحيحون ڪيون وينديون. اجلاس ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي تجويز ڏني ته مختلف فوڊ اسٽريٽ ۽ صنعتي علائقن ۾ شروعاتي طور تي مخصوص ڪچري جا دٻا لڳايا وڃن. پهرين مرحلي ۾ ڪراچي جي 10 اهم فوڊ اسٽريٽ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي جتي وڌيڪ پروسيسنگ لاءِ فوڊ ويسٽ رکڻ لاءِ ڪيبن قائم ڪيا ويندا. صنعتي زونن مان گڏ ڪيل اضافي کاڌي کي به مقرر هنڌن تي ذخيرو ڪيو ويندو ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جون ٽيمون ان خوراڪ کي گڏ ڪنديون. ٻئي مرحلي ۾ فوڊ انڊسٽريز کي ان مقصد لاءِ انگيج ڪيو ويندو اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته هن مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز جو تعاون حاصل ڪيو ويندو

بقايا *** 30

جي وڌندڙ انگ ۽ ليزر لائيٽ جي حوالي سان غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ لاڳاپيل اختيارين کي رن وي ۽ ڀرپاسي ۾ صفائي تي خاص ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي ۽ فيصلو ڪيو ويو ته جهازن کي ليزر لائيٽ سان نشانو بڻائيندڙن خلاف پوليس جي سهڪار سان سخت ايڪشن ورتو ويندو. ايئرپورٽ مئنيجر موجب ليزر لائيٽ جي واقعن جي روڪٿام لاءِ سيني ٽائونز ايس ايڇ اوز سان ميٽنگ جو فيصلو ڪيو ويو. سيفٽي ڪميٽي اجلاس جي فيصلن تي عملدرآمد تي اڳڀرائي جو جائزو به ورتو ويو

بقايا *** 31

جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ جسٽس طهر من الله ۽ جسٽس امين الدين خان تي ٻڌل ٽي رڪني بئنچ فيض آباد ڌرڻي جي نظرثاني ڪيس جي ٻڌڻي ڪري رهي آهي. پر ان کان اڳ ڌرين نظرثاني درخواستون واپس وٺي ڇڏيون آهن پيمرا ۽ انٽيليجنس بيورو ڪانپوءِ هاڻي وفاق به نظرثاني درخواست واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي تصديق اٽارني جنرل ڪئي وفاق بجاءِ واري وزارت ذريعي نظرثاني درخواست داخل ڪئي هئي پر هاڻ اٽارني جنرل عثمان منصور چيو ته فيض آباد ڌرڻي جي نظرثاني درخواست واپس وٺي رهيا آهيون. سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي دوران اٽارني جنرل چيو ته وفاق فيض آباد ڪيس ۾ دفاع نٿو ڪرڻ چاهي. جنهن تي چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته هاڻي ڪيس چو واپس وٺڻ چاهيو ٿا؟ پهريان چيو ويو ته فيصلي ۾ غلطيون آهن. هاڻي ڪيس واپس وٺي رهيا آهيو ان جا ڪارڻ ته ٻڌايو؟. اٽارني جنرل عدالت کي ٻڌايو ته نظرثاني اپيل جڏهن داخل ڪئي وئي ان وقت حڪومت ٻي هئي. چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته اوهان لکت ۾ درخواست داخل ڇو نه ڪئي؟ اٽارني جنرل جواب ڏنو ته پنهنجو بيان ڏئي رهيو آهيان. ٻڌڻي دوران پيمرا جي وڪيل حافظ احسن به عدالت کي ٻڌايو ته هو به پنهنجي نظرثاني اپيل واپس وٺي رهيو آهي. ان تي چيف جسٽس سوال ڪيو ته ڪنهن جي هدايت تي واپس وٺي رهيا آهيو؟. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته پهرين ڪجهه ڳالهين جي وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو. هي ريگيولر بئنچ آهي خاص بئنچ ناهي. نظرثاني درخواستون فوري طور مقرر ٿينديون آهن پر اهي چئن سالن تائين مقرر نه ٿيون. فيصلو ڏيڻ وارو هڪ جج رٽائرڊ ٿي چڪو انڪري ان بئنچ ۾ ڪيس نه لڳو ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ جي وڪيل به درخواست واپس وٺڻ جي استدعا ڪئي ۽ وڪيل علي ظفر چيو ته اسان پي ٽي آءِ جي درخواست جي پيروي نٿا ڪرڻ چاهيون. ان تي چيف جسٽس وڪيل کان پڇائو ڪيو ته ڇا اوهان کي درخواست واپس وٺڻ جو اختيار آهي؟ جيڪڏهن اوهان ڌر بڻجڻ چاهيو ٿا ته عدالت اوهان کي اجازت ڏيندي. علي ظفر جواب ڏنو ته نه اسان ڪيس ۾ ڌر بڻجڻ نٿا چاهيون. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ فيض آباد ڌرڻي جي فيصلي تي عملدرآمد بابت سوال اٿاريا. ان دوران اٽارني جنرل سپريم ڪورٽ کي فيض آباد ڌرڻي ڪيس فيصلي تي عملدرآمد جي خاطري ڪرائيندي چيو ته ڪيس جي فيصلي تي عمل ڪنداسين پر ان لاءِ عدالت وقت ڏي. عدالت نظرثاني درخواستن تي ٻڌڻي پهرين نومبر تائين ملتوي ڪندي ڌرين کي 27 آڪٽوبر تائين جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. ياد رهي ته پي ٽي آءِ، اليڪشن ڪميشن، اعجاز الحق ۽ ايم ڪيو ايم فيض آباد ڌرڻي فيصلي خلاف نظرثاني درخواستون داخل ڪيون هيون. جڏهن ته شيخ رشيد جي وڪيل ڪيس ۾ التوا جي درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 32

جنهن جو سبب ان جي مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز سان تمام گهڻي هڪ جهڙائي آهي. وڊيو ۾ اماراتي وزير گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪري رهي آهي جڏهن ته ان جو ڳالهائڻ جو انداز، ڪپڙن ۽ وارن جو اسٽائيل مريم نواز جيان نظر اچي رهيو آهي. ريم بنت ابراهيم جي وائرل وڊيو تي سوشل ميڊيا صارفين دلچسپ تبصرا ڪري رهيا آهن. ان حوالي سان هڪ صارف چيو هو ته اها خبر ناهي ته مريم نواز اماراتي وزير جي نقل ڪئي آهي يا هو مريم نواز کان متاثر آهي. (ن) ليگ جي حامين جو چوڻ آهي ته اماراتي وزير اسٽائلنگ جي معاملي ۾ مريم نواز جي ڪاپي ڪئي آهي جڏهن ته (ن) ليگ جي مخالفن مريم نواز جي باري ۾ تنقيد واري انداز ۾ تبصرا ڪيا آهن.

بقايا *** 33

ڪري ڇڏيو آهي. نامياري صحافي جاويد چوڌري جو چوڻ آهي ته ٻنهي پارٽين ۾ ٺٺ ٿيو آهي ته ايندڙ چونڊن ڪانپوءِ بلوچستان جي حڪومت "باپ" پارٽي کي ڏني ويندي، مرڪز ۾ ڪجهه اهم وزارتون به ڏنيون وينديون. جيڪڏهن سينيٽ جو چيئرمين اسحاق ڊار ڪي نه بڻايو ويو ته باپ کي سينيٽ چيئرمين شپ به ڏني ويندي. جيڪڏهن اسحاق ڊار سينيٽ چيئرمين ٿيو ته ڊپٽي چيئرمين شپ "باپ" کي ڏني ويندي. ٻنهي پارٽين ۾ معاملاڻ ٿي ويا آهن. صرف (ن) ليگ ۾ باپ جي ضم ٿيڻ جو اعلان ٿيڻو آهي.

بقايا *** 34

۾ اهي گاڏيون استعمال ٿي سگهن ٿيون. اڳوڻو اسپيڪر آغا سراج دراني سنڌ اسيمبلي جون 22 گاڏيون استعمال ڪري رهيو آهي،سنڌ اسيمبلي جي ملازم آفتاب مهر چيف اليڪشن ڪمشنر، گورنر، نيب چيئرمين ۽ نگران وڏي وزير ڏانهن ليگل نوٽيس موڪلي ڇڏيو ليگل نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته اسپيشل سيڪريٽري سنڌ اسيمبلي اڳوڻي ايم پي ايز ۽ ٻين کي گاڏيون واپس ڪرڻ لاءِ چيو هو پر گاڏيون واپس نه ڪيون ويون. سنڌ اسيمبلي جون 3 گاڏيون اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر وٽ آهن. اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين وٽ 9 گاڏيون آهن اڳوڻو اسپيڪر ۽ اڳوڻا ايم پي ايز 11 گاڏيون گذريل 10 سالن کان پيٽرول سان گڏ استعمال ڪري رهيا آهن. سنڌ اسيمبلي جون 24 گاڏيون اڃا تائين گم آهن جن جي ايف آءِ آر به داخل نه ڪرائي وئي آهي

بقايا *** 35

جي وڌندڙ انگ ۽ ليزر لائيٽ جي حوالي سان غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ لاڳاپيل اختيارين کي رن وي ۽ ڀرپاسي ۾ صفائي تي خاص ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي ۽ فيصلو ڪيو ويو ته جهازن کي ليزر لائيٽ سان نشانو بڻائيندڙن خلاف پوليس جي سهڪار سان سخت ايڪشن ورتو ويندو. ايئرپورٽ مئنيجر موجب ليزر لائيٽ جي واقعن جي روڪٿام لاءِ سيني ٽائونز ايس ايڇ اوز سان ميٽنگ جو فيصلو ڪيو ويو. سيفٽي ڪميٽي اجلاس جي فيصلن تي عملدرآمد تي اڳڀرائي جو جائزو به ورتو ويو

بقايا *** 36

سبب ايندڙ آفتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪندي انتونيو گوتريس ماحولياتي تبديلين ۾ گهٽ حصو هئڻ باوجود سڀ کان وڌيڪ نقصان برداشت ڪندڙ پاڪستان کي "موسمياتي انصاف لاءِ لٽمس ٽيسٽ" قرار ڏنو انتونيو گوتريس چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين ۽ اسان جي دقيانوسي ۽ غير منصفاڻي عالمي ماليات نظام جو شڪار آهي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان جي ٻوڏ متاثرن لاءِ مالي امداد جو رڳو 69 سيڪڙو هدف حاصل ڪري سگهياسين. هن عالمي طاقتن کان پاڪستان لاءِ اعلانيل امداد ڏيڻ جو مطالبو پڻ ڪيو.

بقايا *** 37

ڏاکڻي علائقن ۾ موسم گرم رهڻ جو امڪان آهي. ڪراچي، ٺٽي، بدين ۽ حيدرآباد ۾ پارو 38 کان 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي سگهي ٿو. موسميات کاتي موجب ڪراچي ۾ چنجر ڏينهن موسم انتهائي گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي. ان دوران گرمي پد 39 کان 41 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو.

جوهي پرسان ڳوٺ چارو جي رهواسين پاران احتجاج

مخالف جوابدارن گهرن اندر داخل ٿي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن تي تشدد ڪيو: عورت

معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار ڪري انصاف ڏياريو وڃي

جوهي (رپورٽ رحيم جان ميمڻ) جوهي پرسان ڳوٺ چارو جي رهواسڻ مسمات خاتون ۽ سنڌس مڙس چيڙ ٻن معصوم پٽن دلبر, نويد سان گڏ جي حملي آور جوابدارن جي گرفتاري ۽ جوهي پوليس گردي خلاف جوهي ٿاڻي جي مين گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ان موقع تي احتجاج ڪندڙ زال ۽ مڙس ميڊيا اڳيان ڏاهيندي الزام هنيو آهي ته مخالف جوابدارن سان ڏي وٽ جي رشتيداري ٽيل هئي ٻنهنجي تيائي برٽائي ڏني اسان تيائي جي گهرڪئي ته مخالف جوابدارن گهرن اندر داخل ٿي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن تي سخت تشدد ڪيو اهڙي تشددخلاف جوهي ٿاڻي تي ايف آءِ آر درج ڪرائي ۽ بعد برادري جي معزز ماڻهن وٽ سگ لاءِ پاڪ ڪتاب به ڪئي وياسين مگر واپس موٽائي ڇڏيو جوهي پوليس مک جوابدار سائينداد لنڊ کي گرفتار نٿي ڪري جيڪو روز هٿيارن جي زورتي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هنن چيو ته جوهي پوليس ڌمڪيون ڏيندڙ حملي خلاف ڪاروائي جو نٿي ڪري آخر ۾ هنن آءِ جي سنڌ ايس ايس پي دادو ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن ڪان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته جوابدار گرفتار ڪري انصاف ڏياريو وڃي ته ٻي صورت ايس ايس پي آفيس اڳيان مرڻ گهڙي تائين دائين بک هڙتال ڪنداسن.

روڊ هر طرف مرحبا مرحبا يا رسول الله جون صدائون بلند ٿي ويون ان موقعي تي تقريب کي ٻين علماء ڪرام سان گڏ مولانا وزير علي حسيني نقشبندي به خطاب ڪيو تقريب جي آخر ۾ ميزبان نيڪ محمد بليدي ، خدا بخش بليدي ، محمد جمن بليدي ۽ محمد يعقوب بليدي پاران اچڻ وارن مهمانن لاءِ لنگر جو به اهتمام ڪيو ويو

گڏ پوليس سڪيورٽي ڏني وڃي ۽ مائڪرو پلان ۾ سڀ يوسيون پاس رهيون آهن هن چيو ته مائيڪروپلان ۾ يوسي 2 ۽ ڪجهه يوسين ۾ سڪيورٽي جو مسئلو درپيش آيو وارياسو ۽ ٻاٽيهڙ يوسي جيڪا ڳڙهي ياسين جي حد ۾ آهي اتي اسان کي پوليس فورس ۽ مانيٽرنگ کي وڌائڻو پوندو. هن چيو ته هن وقت اڃان به وڏيڪ ريڪسين اچي پئي ۽ اسان هن دفعي 99 فيصد زيرو ڊوز ٻار مڪمل ڪيا آهن هن چيو ته هن دفعي اسانجون 40 ٽرانزٽ پوائنٽون آهن ڳڙهي ياسين, سان ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفيٰ ڪورائي چيو ته پوري ضلعي ۾ جتي به پوليو ٽيمن کي پوليس سڪيورٽي جي ضرورت پوندي ته اسين سڪيورٽي مهيا ڪنداسين ڳڙهي ياسين, سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد

بقايا	سنڌيار	30

شاعر حاجي بچل گوپانگ، شاعر غني ٻيهر، شاعر حاجي غلام حسين لغاري، شاعر گهايل گلزار پنهور، عبدالرحيم سومرو، استاد منير ملاح، عبدالمجيد سومرو، محمد خان لنڊ، رئيس واحد بخش گوپانگ ۽ ٻين پروگرام ۾ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا	سنڌيار	31

ٽنڊو باگو پرنسپل نياز حسين چانڊيو، فيض اڄيجو ٽي اي او سيڪنڊري، عبدالبار قمبراڻي ٽي اي او پرائمري، صوفي ڪلومل، عبدالعزيز خواجا سابق پرنسپال، غلام مصطفيٰ ميمڻ، فورم جي اڳواڻ مختيار احمد بکاري، غلام اڪبر خواجا، شاهد علي خواجا، محمد يوسف ميراڻي، اڪبر چانڊيو جنرل سيڪريٽري پ ٽ الف ٽنڊو باگو خطاب ڪيو ڪانفرنس ۾ استادن صحافين معزز شهرين ۽ شاگردن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

سالن ڪان پيپلزپارٽي جا ووٽر آهيون ۽ ستوگهرن تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ اسڪول ڊسپينسري روڊ گهٽين ڊرينيج سميت ڪابه سهولت نه هجڻ ڪري اسان ڳوٺاڻا پٿر جي دور ۾ آهيون پراسان جي ٽڪ جي ايم پي اي سيد سرفرازحسين شاه ۽ يوسي چيئرمين سميت ڪنهن به چونڊيل نمائيندي سارسنڀال نه لڌي جنهن سبب اسان مجبور ٿي ايندڙ اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيون ٿا هن جووڏيڪ چوڻ هيو ته گذريل برسات ۾ به هن ڳوٺ کي هٿ وٺي نظرانداز ڪيو ويو هيو ۽ اسان جي ڳوٺ سان چونڊيل نمائيندن 30سالن کان ماتيلي ماءُ واروسلوڪ ڪيو آهي جڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ انسان نه پرجهاتورن رهن ٿا، هنن پيپلزپارٽي جي اعلي قيادت ب پ ڪو چيئرمين آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ضياءالحسن ڪان مطالبو ڪندي گهرڪئي ته نوٽيس وٺي اسان جي ڳوٺ ۾ گهربل سهولتون ڏنيون وڃن ٻئي صورت ۾ اسان ايندڙ اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جي اميدوارن جو بائيڪاٽ ڪيو

بقايا	سنڌيار	26

قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ بجلي جا ڪنيڪشن بنا ڪنهن فرق جي ڪٽيا وڃن. 100 سيڪڙو بجلي جا بل ادا ڪندڙ صارفين کي بجلي جا ڪنيڪشن بحال ڪيا وڃن. هن چيو ته جنهن به علائقي ۾ بجلي جو غير قانوني ڪنيڪشن نظر ايندو ته ان آفيسر/ ملازم خلاف قانون تحت ڪاروائي ڪئي ويندي

عبدالحق پيرزادو ۽ ٻين جو تقريب کي خطاب تفصيل موجب ڏوڪري جي سينئر صحافي محمد رمضان جوڻيجو جي چاليهي جي موقعي تي ڏوڪري پريس ڪلب ۾ هڪ شاندار تقريب ڪورائي ڪيس پريور نموني پيتا پيش ڪئي وئي. پريس ڪلب پاران ڪرايل تقريب ۾ ڏوڪري جي سياسي سماجي صحافتي ڌرين جي ماڻهن ڏوڪري ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين عبدالحميد جيسر سنڌ صحافي اتحاد جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ڏوڪري پريس ڪلب جي قائم مقام صدر اسد پکهيو. ڏوڪري پريس ڪلب جي نائب صدر فدا حسين ابڙو. جنرل سيڪريٽري اطهر سنڌيلو. اڳوڻي صدر قاضي آفتاب احمد. ليڪ ياسر منگي. باڊهه جي سينئر صحافي منظور ميراڻي. موهن جو دڙو جي سينئر صحافي عبدالحق پيرزادو. تعليمدان واحد بخش موريو. قاضي جوائنٽ سيڪريٽري فريد احمد. علي ورڪنگ ڪاميٽي جيئرمين علي اصغر ميمڻ. سينئر صحافي عبدالجبار ميمڻ. محمد نواز سيال. وحيد رمضان جوڻيجو محمد بچل جوڻيجو. تاج محمد جوڻيجو . نياز حسين سوهو مقبول ڪانڌڙو. امداد پکهيو. وحيد ڳاهو. جبران منگي. اسرار نوناري. حسن جوڻيجو. قاضي سلطان احمد. قاضي مهتاب احمد. اطهرعلي ميمڻ. نديم ميمڻ. قاضي سهيل عبدالحڪيم ابڙو. سمير ديدار سومرو. قيوم جوڻيجو. شهاب جتوئي. معشوق ڏيرو. مختيار انڙ. منظور سولنگي. آفتاب احمد قريشي. رينواز ڪوسو. ساجد جوڻيجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي مقررين جوچوڻ هو ته محمد رمضان جوڻيجو بهادر ۽ بيباڪ صحافي هو هو

بقايا	سنڌيار	35

۽ علائقي جي پوليس ۽ سنڌس ساٿيهن سان ملي ڳوٺ تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڳوٺ خالي ڪرائڻ لاءِ معصوم ٻارڙن ۽ عورتن کي هر روز تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي ۽ مردن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ لاءِ پوليس سان ملي

هن چيو ته سمورا عملدار ۽ ملازم بنا ڪنهن فرق جي عوام سان پيار محبت ۽ شفقت سان پيش اچن ۽ پنهنجا فرض ايمانداري، سچائي ۽ نيڪ نيتي سان سرانجام ڏين ته جيئن هتي جي عوام کي ڪنهن به قسم جي تڪليف ۽ پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پوي. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون چيو ته سنڌ حڪومت پاران عوام جي ڀلائي لاءِ ڪيل فيصلن تي سوسيڪڙو عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويندو ۽ ضلعي جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي ويندي. هن چيو ته عوام جي مسئلن جي حل لاءِ سندس آفيس جا دروازا هر وقت کليل آهن.

ڳالهائيءَ جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ ڪئي. ڳالهائيءَ ۾ بريفنگ ڏيندي ڊي پي سي آر انچارج ڊاڪٽر امتياز حسين ميتلو ٻڌايو ته آڪٽوبر واري اين آءِ ڊي پوليو مهم 02 تاريخ کان شروع ٿيندي، جيڪا 7 ڏينهن تي مشتمل هوندي. هن ٻڌايو ته هن دفعي 3 لک 42 هزار 5 سئو 59 اٺهن ٻارن کي پوليو جا قطرا پيياريا ويندا، جنهن لاءِ 730 گشتي ٽيمون ٺاهيون ويون آهن. تعلقي شڪارپور 15، خانپور 10، لکي غلام شاهه 11، ڳڙهي ياسين 13 جون يوسيون شامل آهن. هن ٻڌايو ته يوسي نمر ۽ نوشهرو ۾ ٽيمن سان

استرينگٿنگ سوشل پروٽيڪشن ڊليوري سسٽم سنڌ

سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي
سوشل پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

ريفرنس: SSPDSS/RFB/PROC/1310

تاريخ: 27هين سيپٽمبر 2023

ڪوٽيشن لاءِ ڪوٽ

ملڪ: پاڪستان

پروجيڪٽ جو نالو: سنڌ ۾ سماجي تحفظ جي ترسيل نظام کي مضبوط ڪرڻ.
سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي، سماجي تحفظ کاتو، حڪومت سنڌ

Loan No./Credit No: World Bank under IDA Credit No.7229-PK

1. سنڌ حڪومت (هتي قرض وٺندڙ سڏجڻ بعد) سنڌ صوبي ۾ سماجي تحفظ واري نظام کي مضبوط ڪرڻ جي لاڳت لاءِ انٽرنيشنل ڊولپمينٽ ايسوسي ايشن (IDA)(دي بئنڪ) کان قرض جي صورت ۾ (هتان کان پوءِ ڪريڊٽ سڏيو ويندو) مالي امداد حاصل ڪئي آهي. پراجيڪٽ ڊائريڪٽر، پراجيڪٽ مئنيجمينٽ اينڊ امپليمينٽيشن يونٽ، مضبوط ڪرڻ سوشل پروٽيڪشن ڊليوري سسٽم سنڌ، سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي، سوشل پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، هڪ عمل درآمد ڪندڙ ادارو هن ڪريڊٽ جي آمدني جو حصو معاهدو تحت ادائيگين تي لاڳو ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. جنهن لاءِ هن دعوت ناموجاري ڪيو ويو آهي عالمي بئنڪ جي خريداري جي ضابطن موجب IPFقرض وٺندڙن لاءِ (نومبر 2020 ۾ نظرثاني ٿيل) www.worldbank.org تي دستياب آهي.
2. سنڌ ۾ سماجي تحفظ جي ترسيل نظام کي مضبوط ڪرڻ واري پروڪيورنگ ايجنسي هاڻي هيٺ ڏنل پروڪيورمينٽس لاءِ اهل بولڊرن کان سيل ٿيل بڊز کي دعوت ڏئي ٿي.

ايس نمبر	تفصيل	واڪ جمع ڪرائڻ	واڪ کولڻ
1	سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ سهت جي سهولتن جي لاءِ ٽيبليٽس جي فراهمي	10.10.2023 تي 2:30 وڳي	10.10.2023 تي 3:00 وڳي
2	سنڌ جي مختلف ضلن ۾ صحت سهولتن لاءِ ٿرمل پرنٽر ۽ پاور بينڪس جي فراهمي	10.10.2023 تي 3:00 وڳي	10.10.2023 تي 3:30 وڳي

3. عالمي بئنڪ جي IPF "قرض وٺندڙن لاءِ پروڪيورمينٽ ريگيوليشنز" (نومبر 2020 ۾ نظر ثاني ڪئي وئي) ۾ بيان ڪيل اقتباس لاءِ درخواست (RFQ)استعمال ڪندي قومي مقابلي واري خريداري جي ذريعي بولنگ منعقد ڪئي ويندي. ۽ سڀني اهل بڊرز لاءِ کليل آهي جيئن پروڪيورمينٽ ريگيوليشن ۾ بيان ڪيل آهي.
4. دلچسپي رکندڙ اهل بولڊر وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا پروڪيورمينٽ سيڪشن PM&IU آف سنڌ ۾ مضبوط سماجي تحفظ جي فراهمي واري نظام جي ۽ بڊنگ دستاويزن جو معائنو آفيس ڪلاڪن دوران سومر کان جمعو صبح 9:00 وڳي کان شام 5:00 تائين هيٺ ڏنل ايڊريس تي انگريزيءَ ۾ بڊنگ ڊاڪيومينٽ https://sspa.gos.pk تان خريد ڪري يا ڊائون لوڊ ڪري سگهي ٿو دلچسپي رکندڙ اهل بولڊرن طرفان هيٺ ڏنل ايڊريس تي فرم ليٽرهيڊ تي صحيح طور تي دستخط ٿيل لکت واري درخواست جمع ڪرڻ ۽ ناقابل واپسي فيس جي ادائيگي تي. 3000 روپيا ادائگي جو طريقو pe آرڊر/ بئنڪ ڊرافٽ هوندو جيڪو سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي، سوشل پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ جي حق ۾ ڪيو ويو
5. بوليون لازمي طور هيٺ ڏنل ايڊريس تي 10 آڪٽوبر 2023 تي يا ان کان اڳ 2:30 ۽ 3.00 وڳي تي پهچائڻ گهرجن اليڪٽرانڪ بڊنگ جي اجازت نه هوندي. دير سان داخل ڪيل درخواستون رد ڪيون وينديون. بلڊرز جي مقرر ڪيل نمائندن جي موجودگي ۾ عوامي طور تي کوليا ويندا ۽ جيڪو به چونڊيندو. هيٺ ڏنل ايڊريس تي ايندڙ ڏينهن تي مقرر ڪيل وقت تي 10 آڪٽوبر 2023 تي 3:00 ۽ 3:30 وڳي تائين.
6. سڀئي بوليون پاڪ رپين ۾ ڏنل قيمت جي 5٪ تي "بيڊ سيڪيورٽي" سان گڏ هجڻ گهرجن بيڊ سڪيورٽي کان سواءِ بوليون رد ڪيون وينديون.
7. ڄاڻايل ايڊريس هيٺ ڏجي ٿي:

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر

استرينگٿنگ سوشل پروٽيڪشن ڊليوري سسٽم سنڌ،
سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي
سوشل پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ
اسٽيٽ لائف بلڊنگ نمبر 11، عبدالله هارون روڊ،
صدر فلور/روم نمبر: پنجون ڪراچي (سنڌ)
فون نمبر: 5-99206602-21-92+
فيڪس ميل نمبر: 021-9906603
اليڪٽرانڪ ميل ايڊريس: nmemon@sspa.gos.pk
ويب سائيٽ: www.sspa.gos.pk

INF/KRY#4066/23

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ

No:AD(A&A)/TMR(SGA&CD)/01-29/2023-24

ٽريننگ مئنيجمينٽ اينڊ ريسرچ ونگ
سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ
گورنمينٽ آف سنڌ

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ان لينڊ اسٽڊي ٽوئر (IST) آف اسلام آباد واسطي ٽوئر آپريٽر/ ٽريول ايجنٽ جي خدمتن جي هائرنگ

ٽريننگ مئنيجمينٽ اينڊ ريسرچ ونگ، SGA&CD واقع D_45، بلاڪ 1، ڪلفٽن ڪراچي، اٽڪل روءِ 38 ٽرينيز آفيسرز/فيڪلٽي ميمبرز جي هڪ گروپ لاءِ ان لينڊ اسٽڊي ٽوئر (IST) آف اسلام آباد لاءِ رجسٽرڊ ۽ سٺي ساک رکندڙ ٽوئر آپريٽر/ٽريول ايجنٽ جون خدمتون هائر ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي.

تفصيل	واڪ دستاويزن جي اجراء جو پروگرام	اماڻڻ جو پروگرام	کولڻ جو پروگرام
38 پروبيشنرز/ فيڪلٽي ميمبرن جي هڪ گروپ لاءِ (06) ڏينهن ان لينڊ اسٽڊي ٽوئر آف اسلام آباد لاءِ ٽوئر آپريٽر/ٽريول ايجنٽس جي خدمتن جي هائرنگ	اشاعت واري تاريخ کان 12.10.2023 شام 05:00 وڳي تائين	13.10.2023 صبح 11:00 وڳي	13.10.2023 صبح 11:30 وڳي

چنڊ چاڻ واري معيار تي مشتمل واڪ دستاويز ۽ ٻيا لاڳاپيل تفصيل آفيس آف "اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (ايڊمن اينڊ فنانس) ٽريننگ مئنيجمينٽ اينڊ ريسرچ ونگ، سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچي" مان آفيس وقت دوران مفت ۾ حاصل ڪري سگهجن ٿا. اهي پڻ SPPRA ويب سائيٽ تان پڻ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا واڪ چيئرمين، پروڪيورمينٽ ڪميٽي واقع بنگلو نمبر D_45 بلاڪ 1 ڪلفٽن ڪراچي جي آفيس ۾ اماڻيا ۽ کوليا ويندا.

ڄاڻايل قيمت/واڪ جي جملي رقم جو (1٪) جي مساوي "واڪ سيڪيورٽي" (جيڪا قابل واپسي آهي)، "اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (ايڊمن اينڊ فنانس) ٽريننگ مئنيجمينٽ اينڊ ريسرچ ونگ، SGA&CD گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچي" جي نالي ۾ پي آرڊر/ڊمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ لازمي آهي.

واڪ اماڻڻ ۽ کولڻ واري تاريخ تي اڻٽڻدڙ حالتن يا حڪومت پاران عام موڪل هئڻ جي صورت ۾ واڪ ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن ساڳي وقت ۽ هنڌ تي اماڻيا ۽ کوليا ويندا. پروڪيورنگ ايجنسي SPP رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي لاڳاپيل فقرن هيٺ ڪنهن به هڪ يا سمورن واڪن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (A&F)

INF/KRY#4067/23

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ

ڊيرا اسماعيل خان ۾ پي آئي اي جو اوپن پلاٽ ڪرائي تي دستياب آهي

پي آئي اي ڊيرا اسماعيل خان ۾ 7_B، سروي نمبر A_7.7,3 مرلا تي واقع پنهنجي پراپرٽي (اوپن پلاٽ) ڪرائي تي ڏيڻ جو ارادو رکي ٿي.

دلچسپي رکندڙ پارٽيون پنهنجون مهربند آڇون، مهربند بولي جي رقم (ماهوار ٽينٽ) جو 5 فيصد بطور زر بعيانو (قابل واپسي) ۽ مبلغ -/2,000 روپيا بطور ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) پي آئي اي جي حق ۾ پي آرڊر جي صورت ۾ پي آئي اي ڊسٽرڪٽ سيلز آفيس، دوڪان نمبر 26 عبدالله ميڊيڪل سينٽر آڏو بيساکي گرائونڊ، ڊي آئي خان کي موڪلي سگهن ٿا.

آڇون 26 آڪٽوبر 2023 تي منجهند 1500 وڳي تائين يا ان کان اڳ پهچي وڃڻ گهرجن، جيڪي ساڳئي ڏينهن ڊسٽرڪٽ سيلز مينجر، PIA بڪنگ آفيس، ڊي آئي خان جي آفيس ۾ پارٽين جي موجودگي ۾، جيڪي پيش هجڻ چاهين، منجهند 1530 وڳي کوليون وينديون.

دلچسپي رکندڙ پارٽيون جناب بلال افضل، ڊسٽرڪٽ سيلز مينجر آفيس نمبر 0966_730070 سان رابطو ڪري جڳهه ۽ هنڌ جو دورو ڪري سگهن ٿيون.

تفصيلي شرط ۽ ضابطن جي لاءِ مهرباني ڪري www.piac.com.pk ۽ www.ppra.org.pk ملاحظ ڪندا.

ڊي جي اير اسٽيٽ
فيسيليٽيز مينجمينٽ ڊويزن، PIAC هيڊ آفيس ڪراچي
ٽيلي فون: 4647_9904 -21 92+
اي ميل: khiwcpk@piac.aero

PAKISTAN International Airlines
www.piac.com.pk
UAN: 00-92-21-111-786-786